گيت
بره
جا

گيت رچيندڙ :-



شري پرسرام ضيا صاحب

گيت ڳائيندڙ :-



سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر

سنڌي سنگيت معفل

گيت بڙهه جا

”گيت ضيا جا

سُر چندر جا“

جنهن ۾ آهن

خاص چونڊ ڪلام ۽ گيت جيڪي شري پرسرام ضيا رچيا ۽ ماسٽر چندر صاحب ڳائي عام کي جهومايو هو

هن ڪتاب جو مهورت سنڌونگر ۾ ٩٧-١١-٢ ۾ ٿي رٿيل ضيا صاحب جي ورسي پروگرام ملهائڻ وقت ٿيو

پيسا :- فقط ٢٠-٠٠ رپيہ

ضيا ساهتيہ مالها

بئرڪ نمبر ١٠٨٥، روم ٥، پرسرام ضيا روڊ، سنڌونگر - ٤٢١٠٠٣

فون : ٧٩٦٢٧

پيئون آهن. آهڙو ڪاپي جو سلسلو ڏسي وڏيڪ شعرن جا ڪتاب ڇپائڻ جي اَسان کي اَڄ ڏينهن سوڌو همت ڪانہ ٿي آهي. اُهو سمورو شعر ڇپائڻ ۾ خرچ جو اَنڪل ٣٥٠٠٠ رپين جو تخمينو آهي. ڪن مترن جي همت اَفزائي ۽ صلاح ڪي ڌيان ۾ رکي اَسان وري اِهو ڪاريہ هٿ ۾ ڪڻڻ لاءِ منتظر آهيون. جدا جدا ڀاڱن ۾ ڇپائي شايع ڪرڻ جو اَسان هينئين ريت پروگرام ٺاهيو آهي. اَنڪل ٩ ڪتاب ٿيندا. جيئن تہ (١) ڀاراٽو (٢) مذاقي (٣) رڪارڊنگ (٤) فلمي (٥) ايشور اُستتي (٦) مجازي عشق (٧) ويد منتر (٨) نصيحت آميز (٩) گڏيل شعر جدا جدا پهلن تي. هن اُتسوَ تي اَسان حال ڪجھ شعر گيت چونڊي جيڪي ضيا صاحب ٺاهيا ۽ ماسٽر چندر صاحب سنڌ ۾ ڳائي رڪارڊ پرايا اُنهن جو هڪ ننڍو ڪتاب 'گيت ٻڙھ جا' سان شروعات ٿا ڪريون. اَسان هن ڪتاب ۾ ڪجھ اشتهارن جو سهارو ورتو آهي. اُميد تہ اَسان جي هيءَ ڪوشش ضرور ڦلدائڪ ٿيندي. باقي اڻڇپيل شعر ڇپائڻ لاءِ خاص اَسان جي پاٺڪن کي وينتي آهي تہ اَسان کي هن ڪاريہ لاءِ اِشتهار يا ڪي خريدار ڀائر اڳواٽ وٺي ڏيڻ جو سهڪار ڏيو جيئن اَسين اُنهن جي آڌار تي مٿيان ڪتاب رٿيل پروگرام موجب جلد شايع ڪرڻ جا اَڌڪاري ٿيون.

سنڌيت جي جوت جاڳندي رکڻ لاءِ ننڍي ٿهي ۾ اُمنگ وڌائڻ لاءِ ضيا جو شعر پرسڌ ٿيڻ ۽ عام جي جاڻ لاءِ اڻڇپيل شعر جلد جلد ڇپجي شايع ٿيندا رهن اُن پويتر ڀاونا کي ڌيان ۾ رکي صلاحڪار ڪاميٽي جي يڪراءِ ڪيل

'حال حقيقت'

شبڀ دپاولي ۽ نئين سال جون
سيني کي لک لک واڌايون هجن

نئون سال سيني لاء هر طرح سکدائي ۽ لاڀدايڪ بڻجي اِها آهي اسان جي شڀ ڪامنا

ضيا صاحب جي حيات وقت سندن رچيل ۽ ڇپايل ڏرمي ڪتاب جيئن تہ سري سکمني صاحب، جپ صاحب، نائين محلي جا سلوڪ، شري مد ڀڳوت گيتا ۽ رگ ويد جا منتر تمام سليل ۽ نرمل روپ ۾ ڪوتا ۾ ترجمو ڪيل عام لوڪن کي بيحد پسند پيا ۽ ڪافي وڪرو ٿيا پڻ پريمين جو اُنهن ۾ ڏاڍو چاهہ پيدا ٿيو. آسان اُهي پستڪ ڪيترا ئي ڀيرا عام ڀائرن جي چڪ ڏسي وري ڇپائيندا پئي رهيا آهيون. سکمني صاحب تہ خاص سڀ ڪنڊ واسڻ ڀڳونتي ناواڻي پنهنجي مڌر آواز ۾ ڪئسيٽون ڀري امر پد حاصل ڪيو آهي.

ضيا صاحب جي ديولوڪ پڌارڻ بعد ڪن مترن جي چاهنا ۽ شرڌا کي ڌيان ۾ رکي آسان سندن اڻ ڇپيل شعر جيڪي اَٽڪل ۱۰۰۰ شعر ٿيندا، اُنهن مان ڪجھہ چونڊ شعر شري ديال آشا جي سهڪار سان ''آلاپ ضيا'' نالي پستڪ ۾ ڇپائي شايع ڪيا. جنهن جون فقط ۱۰۰۰ ڪاپيون آسان ڇپايون. اُن ڳالهہ کي اَٽڪل ۳۵ سال پورا ٿيا پر اِجان تائين اُنهيءَ ڪتاب جون آسان وٽ اَجان ڪجھہ ڪاپيون بچيل

'سنڌيت جو شان هڪ چمڪندڙ هيرو'

بوريولي بمبئي ۾ رهندڙ شري پيتومل نارائڻداس سچانندائي جو سپتر نوجوان پيارو **گلاب** وڏن جي دعائن سان سنڌن مريادا ۾ رهندي ستگرن جي رحمت سان پنهنجي سڀاجهي نرمل سڀاءُ - آورچ لگن ۽ آتم ٻل تي پورن وشواس جي آڌار لاجواب ڪاميابي حاصل ڪري پنهنجي خاندان ۽ سنڌي سماج ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي. پياري گلاب جي عمر ٢٧ سال آهي گذريل ٻن ڪان هو ائمريڪا ۾ نيويارڪ ويجهو هڪ وڏي OHIO انجرنيرنگ ڪمپني ۾ سٺي عهدي تي نوڪري ڪندو آهي. ڪمپني جي خرچ تي سرڪاري طرح سيني ٻنڌنن کي نڀائيندي اُتي رهندو آهي ۽ ڪاميابي جي راهه تي قدم وڌائيندو رهي ٿو.

اوائلي هن مئٽرڪ تائين تعليم بمبئي ۾ پورن پرجنا ٺاءِ اسڪول دهيسر ۾ حاصل ڪئي اسڪول ۾ هر درجي ۾ هو هميشه پهريون نمبر بيهندي پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو نالو روشن ڪيو اُن بعد ١٢ درجي تائين جئه هند ڪاليج بمبئي ۾ پڙهيو. سندس پتا جي ٻڌائڻ موجب هن ١٢ درجي ۾ 92% سيڪڙو مارڪون حاصل ڪري ميرٽ سرٽيفڪيٽ وٺڻ جو اڌڪاري بڻيو. چار سال هو بمبئي ۾ سينٽرل گورمنٽ جي سايع هيٺ هلندڙ اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنيڪل ماٽونگا ۾ ڪورس پورو ڪري ٽي سال Tata Yunisis Ltd. بمبئي ۾ نوڪري ڪئي پنهنجي پرشارٿ ۽ لگن سان اُتي ايڪسپورٽ سيڪشن ۾ ڪم ڪندي سٺي پوزيشن

فيصلي موجب ضيا جي نالي هر ٻي مهني اسان هڪ ٻماهي رسالو شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جو مهورت ١١ جولاءِ ١٩٩٨ع سندن جنم ڏينهن سنڌونگر ۾ ڪيو ويندو جنهن ۾ ڪجهه رچنائون شعر ضيا صاحب جا هوندا ساڻ گڏ جدا جدا ليکڪن، شاعرن، نون ساهتيڪارن جي همٿ افضائي ڪرڻ ناتي سندن رچنائون شامل هونديون. اُميد ته سنڌيت جا شيدائي اسان جي هن ڪيل فيصلي جو سواگت ڪري دلي سهڪار ڏيندا ۽ پنهنجا رايا موڪليندا.

ڌنيواد

نارائڻ پرسرام ضيا

★ ★ ★

پراٿنا

نمسڪار داتا سويڪار ڪر
توُن شرڌا اسان جي انگيڪار ڪر.
پويتر اسان جا توُن ويچار ڪر
ديا پنهنجي دينن تي داتار ڌر.
اسان جو اچي تيئن توُن پر جهلو
ڪرين تو زماني سڄي جو ڀلو.
ضيا جي بہ آهي، اِها ئي آراڌنا
ڪندين پوري ڀڳونت سڀ جي ڪامنا.

ڪلام - ي - قلم (ماستر رتن)

شعر : سنڌڙيءَ جي سنڌيت ۽ پڪي پريت،
قائم رهڻي رهندي ريت،
ماڪيءَ مصريءَ کان به منهنجي مٺڙي،
سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سنگيت.

ٿلهه : سنڌي سنگيت جو ساز سونهارو،
ڍولڪ مٽڪو ۽ يڪتارو،
الگڙدو - بينون چنگ نغارو ...

1- مست ملنگ مستيءَ ۾ ڳائن،
مشڪي مرڪي ڦيرڙيون پائن،
ڇم ڇم ڇيريون پيا ڇمڪائن،
هو هو ڪن هونگارو - سنڌي سنگيت ...

2- راڳ پرڀاتي حسيني پهاڙي،
جوڳ ڀيروي سورٺ سنهاري،
مارون راڻو حمل ڪوهياري،
ڪن لوڙائوءَ ڏي لاڙو - سنڌي سنگيت ...

3- سوامي، شاهه - سچل ۽ بيڪس،
ڪنوررام، ڪشنچند بيوس،
ڇيو ضيا آ پڻ چندر ائين اُوس،
آ بلند سنڌين جو ستارو - سنڌي سنگيت ...
ڍولڪ مٽڪو ۽ يڪتارو ...

تي پهتو. ائمريڪا جي هڪ انجنيئرنگ ڪمپني جي سندن
اخبار ۾ ڇپايل اشتهار جي آڌار انڊيا مان چونڊجڻ تي نوڪري
پڪي طرح حاصل ڪري هن پنهنجو شان وڌايو آهي. سندس
پتا شري پيتومل جو سنڌ ۾ ننڍي آدم شهر جي بيحد پرسڌ
خاندان شري نارائڻداس ديارام سچانندائي پريوار ۾ جنم
ٿيو. هو هن وقت بوريولي بمبئي ۾ رهندو آهي ڪپڙي ۽ ناٽي
جي ڪم جي دلالي جو ڌنڌو ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي
آهي. پياري گلاب جي اهڙي بيحد ڪاميابي لاءِ اسين کيس
مبارڪون ٿا ڏيون. شل هيءُ نوجوان اجان وڌيڪ پنهنجي لگن
سان ڪاميابي حاصل ڪندو رهي! پنهنجو ساڻ گڏ پنهنجي
مائٽن جو نالو روشن ڪندي، سنڌي جاتي ۾ هڪ چمڪندڙ
هيرو بڻجي سنڌيت جو شان بلند ڪندي اجان وڌيڪ جس جو
ڀاڳي بڻجي، اها آهي اسان جي شڀ ڪامنا پيتومل کي پنهنجي
پٽ جي اهڙي ڪاميابي لاءِ کيس بيحد خوشي ۽ ناز آهي اُن
خوشي ۾ هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ هن ڪجهه سهڪار ڏنو آهي.
پربهوءَ جي شل آسيس سندن پرڀوار مٿان ورسندي رهي. هيٺ
سندن گهر جي ائڊريس ڏجي ٿي.

نارائڻ پرسرام ضيا

Pitumal .N. Sachanandani

Flat 2
Jaitirth Hsg. Society
Road No. 10
Doulat Nagar
Borivali (East)
Mumbai - 400 066
Telephone 8627002

آجيان !

[بقلم : ماستر چندر]

الله : هزار شڪر جو آيا پري ڪان پير پري ،
غريب خانه ۾ آيا ، اسان تي قرب ڪري ·

١- اسانجو اوهان جو عهدنامو آ ئيل اهڙو ،
اسان جي به نه سري ۽ اوهانجي به نه سري ·

٢- آهي جو ڪين اصل ، ڪين مان ٿئي سيڪي ،
نگاهه لطف جي ، الله جي بشر تي ڪري ·

٣- سدائين ياد رهو ۽ رهو سدا آباد ،
اسان سان گڏجي رهو ، يا رهو اسانڪان پري ·

٤- وڃڻ جي چاهيو نه وڃو ، پر دعا ڪندا وڃو ،
دعا ڪرڻ سان ٿيي انسان جو ٿو پاڪ وري ·

٥- اهو ٿي عرض ٿو پڇوان ڪي ڪريان چندر ،
اسانجي ديس ۾ سنگيت جي ڪا جوت پري ·

'مٺونجا ويچار'

ماسٽر چندر کي مان اُن وقت کان سڃاڻان جنهن وقت مان هز ماسٽر وائيس رڪارڊنگ ڪمپنيءَ جو شاعر مقرر ٿي ڪمپنيءَ ۾ آيس، منهنجو ڪم هوندو هو ڪمپنيءَ جي آرٽسٽس کي رڪارڊن لاءِ نوان نوان گانا تيار ڪري ڏيڻ. ماسٽر چندر ته ڪمپنيءَ جو محبوب آرٽسٽ هوءِ آهي جنهن ڪري قدرت ساڻس منهنجا تعلقات گهرا ٿي ويا. سالن کان سنگيت هلندي اچي ٿي. ماسٽر صاحب جيڪڏهن فقط گوئيو هجي ها، ته شايد منهنجي ساڻس ايتري دلچسپي نه رهي ها. پر ماسٽر صاحب سنگيت آچاريه هوندي هڪ سٺو شاعر به هوءِ آهي. سندس ڪوتائون ڪوتا جي روپ ۾ هن ڪوتا جي ذريعي ڇپي ظاهر ٿيون آهن. ڪتاب کي چڱي طرح ڏٺو اٿم. بيت بيت ۾ عجيب بيتابيون نظر اچن ٿيون- بي پناهه جذبات نمايان آهي. ٻولي نهايت سليس ۽ مروج آهي ماسٽر چندر صاب پنهنجي دل جي ترجماني اهڙي نموني ڪئي آهي جو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ هر شعر کي پنهنجو ئي قصو سمجهي رهيو آهي. اُميد ته هي اَثرائتا شعر پڙهندڙن جي دلين تي اَثر ڪندا.

27-3-1951 پرسرام ضيا

(چندر سان رهاڻيون پاڳي ڀيرين تان اُتاريل)

'قربدار ضيا'

قربدار ضيا، محبوب ضيا، منهنجو رفيق ضيا، سدا امر ضيا. سالن کان ساڻس سنيهه ڀريو سنبنڌ هو. اُن سنبنڌ وڌيڪ هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. ضيا صاحب جا گيت، غزل، شعر ۽ منهنجي زبان ٻنهي جو مڌر ميلاپ فضا ۾ عجيب لطف پيدا ڪندا هو. هو ! قرب جو ڪنل هو. سندس ڪلام ۾ درد هو لڳهن. سان گڏيو سوز ڀريو سنگيت. سندس قلمبند سوين گيت هز ماسٽر وائيس وارن مون کان رڪارڊ ڪرايا.

ضيا صاحب وڏي شخصيت جو مالڪ هو. پر سدا سباجهو، نماڻو ۽ لچاري سڀاءُ وارو شخص هو. سندس ڪاوڙ، ڪيتر ۾ ڪيل سيوائون بي نظير آهن.

وسارڻ سان نه وسرن ٿيون
پنهنجي محبوب جو ڳالهيون
سدائين ياد سي رهنديون
محبت پيار جون ڳالهيون

— سنگيت آچاريه ماسٽر چندر

شاعر پرسرام ”ضيا“

ڊاڪٽر ديال ”آشا“

مٺو محبوب مختار ضيا، ممتاز مايناز شاعر ضيا، ڪڏهن ڪين وسرندو! سندس يادگيريون اڄ به تازيون آهن. سندس مشڪندڙ مهانڊو اڄ به اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. سادگيءَ ۽ نمرتا جي صورت، قرب ۽ محبت جي مورت ڀلا ڪيئن وسرندي! سندس ئي لفظن ۾:

وسارڻ سان نه وسرن ٿيون مٺي مختار جون ڳالهيون
سدائين سي ياد رهنديون محبت پيار جون ڳالهيون.

شاعر پرسرام ضيا جو جنم سنه ١٩١١ع ۾ شري هيرانند سچانندا ڻيءَ جي گهر ٽنڊي آدم ۾ ٿيو. سنڌ ۾ هن صاحب ڪمپازيٽري ڪندي شعر و شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي. هن صاحب پهرين ”پرسو“ پوءِ ”رنجور“ تخلص استعمال ڪيو. سندس شعرن جي مجموعي ”تصوير-احساس“ تي سنڌ ۾ ڪيس سرڪار طرفان انعام عطا ٿيو. ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ هي صاحب الهاسنگر ۾ اچي رهيو. هن صاحب ”سوٽائي“ ۽ ”سپاهي“ جي تخلص سان سگريٽ باز جا گفتا ۽ ”سپاهيءَ جا سخن“ طنزي شعر ۾ چيو. ان شعر ۾ حقيقتنگاري به هئي. ضيا صاحب زندگي جو پويون

صاحب عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪئي ۽ هردل عزيز شاعر جو پد پراپت ڪيو. هو جڳ انساني دلين مان پيهي نڪتو هو.

اسانجو ديش سياسي سطح تي برابر سوتنتر آهي ان سوتنترتا جو ڦل گهڻي ڀاڱي سرمائيدار کائي رهيا آهن. آرٿڪ اسمانتا سبب سرمائيدارن جي ساري سر آهي ۽ مسڪين ۽ محتاج پيڙجي رهيا آهن. اها حقيقت پيش ڪندي ضيا صاحب چوي ٿو:

ملڪ ٿيو آزاد ۽ آباد ٿيا سرمائيدار،
آهي جنتا لاءِ پر ساڳي نراسائي اڃا،
جن کي زرجو زور سي ڪن راج ٿا ڪمزورتي،
بيوس تي آهي وس وارن جي ڏاڍائي اڃا،
جا بجا آليون اکيون چهرا اداس آهن گهڻا،
ڪانہ ڏسجي ٿي رونق رودن ۾ گهٽتائي اڃا!

شري ضيا صاحب مفلسيءَ ۾ رهندي به مشڪندي رهيو جيون مان نراس نہ ٿيو. هو آشاوادي شاعر هو. هڪ هنڌ لکي ٿو:

نراشا نربلن جي آ، ضيا بلوان جي آشا،
جو ناممڪن اکر آهي اهو ممڪن بڻائيندس.

ضيا صاحب جو شعر وزن جي لحاظ کان پڪو پختو آهي سندس شعر ۾ رس ۽ رواني آهي. فصاحت ۽ سلاست آهي.

عرصو سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽيءَ الهاسنگر جي اسڪول ۾ ماستري ڪئي. صوفي درويش ڊاڪٽر روچلداس جي صحبت ۾ ڪمش روحاني رنگ ۾ لڳو. ٢٨ آڪٽوبر ١٩٥٨ ۾ هي ممتاز شاعر سنسار جو سفر پورو ڪري رب جي راهه ڏانهن رمندو رهيو.

شري ضيا صاحب جي شعرن جو مجموعو ”آلاپ ضيا“ شايع ٿيو آهي. ان ڪانسواءِ ڀڳوت گيتا، ويدمنتر، جپ صاحب، شري سکمني صاحب ۽ نائين محلين جا سلوڪ سليس سهڪ سنڌي ڪويتا ۾ ترجمو ڪري سنڌي جاتيءَ سان هڪ وڏو وڙ ڪيو آهي ته ٻئي طرف ڌارمڪ ساهتيہ ۾ پڻ اضافو آندو آهي. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ جيڪي به سنڌي فلمون نڪتيون تن ۾ سندس ئي گيتن جي گونجار آهي. ضيا صاحب ٻارن لاءِ به گيت لکيا. ٻارن جي گيتن ”باغ بهار“ ڪتاب تي ڀارت سرڪار طرفان انعام پڻ عطا ٿيو.

شري ضيا صاحب سماج جي سچي تصوير پنهنجي ڪاويہ ۾ پيش ڪئي آهي. اعليٰ شاعر پنهنجي يگ جو ترجمان آهي. شري ضيا صاحب پنهنجي يگ جي ڪاويہ ۾ پوري پوري ترجماني ڪئي آهي. محاوريدار سهڪ، سرل، سلوڻي ۽ سبوڌ سنڌيءَ ۾ عوام جو احساس، امنگ، آزمودا، عقيدا، مسئلا ڪلاڪ نموني پنهنجي ڪاويہ ۾ پيش ڪيا آهن. ان سبب ئي هن

ٻيو ٻه هڪ نماڻو منش ذرا آهستي آهستي قدمن ۾
اچي رهيو هو. مون کي ماڻو چيو ته اڄ تنهنجي
واقفيت هڪ نام ڪنئي شاعر سان ٿو ڪرايان - جيسين
ماڻو داس ٻنهي اجنبين جو پريچيه ڪرائي تيسين انهان
نيڪ پرش شروعات ڪري ڇڏي ۽ مون کي مخاطب
ڪري نهايت اڪير ۽ عزت سان پڇيائين "توهانجو
اسم شريف ڇا آهي؟" جيسين مان جواب ڏيان تيسين
اوُ پسل ماڻس وري پنهنجي پنهنجي سر واقفيت
ڏيڻ ڪي لڳي ويو "منهنجو نالو پرسو سڏاندائي آهي
مون پرسل جي تخلص سان شاعري جي شروعات ڪئي
پوءِ رنجور تخلص اپنايم ۽ پنهنجي استاد شريف جي
دعا پٽاندڙ مان هاڻ ضيا جي نالي شعرگوئي ڪندو
آهيان. شايد ضيا صاحب کي احسان وٽ ڪجھ
ڇوٽو هو جو مون کيس گويا اتي ۾ ڪاٽي چيو ته پرسل
جي نالي نه پر رنجور جي نالي مون سندس ڪي
ڪويتائون اڳ پڙهيون هيون ۽ مان منس ازل ڏني
عاشق ٿي پيو هوس - ۽ سندس هڪ ديش ڀڳتي
واري ڪويتا مان هڪ ٻه پنگتي کيس پڪ ڏيارڻ
لاءِ اُچاري جا هن طرح هئي "نامور نئبو ۽ شاعر شاه
۽ تڪبور جا" ائين اچاريندي مون حب سان سندس
هٿ پڪڙي ورتو ۽ جيئن سان هٿ پڪڙيان ائين
هو هٿ پري ڪندو وڃي مون کي ان جو ڪو به
ڪارڻ نه سمجهيو ۽ مون کيس ڏورابو ڏيئي چيو ،

'دل پرتو يار ضبا'

اٽڪل هڪ سال اڌ صدي کان اڳ جي وارتا آهي مان ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پهرئين سال جو وديارٿي هوس. تنهن جي ناٽي مينارام هاسٽل ۾ سورگيه پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي زير سايه هيٺ رهندو هوس.

اُن جي ويل آهي مان نيم انوسار پر واري برنس گارڊن ۾ سهاوڻي سمي جو ڦلن ڦولن ۽ هرياليءَ جو ديدار ڪرڻ ويندو هوس، هوا جا نشيلي نار جيان پنهنجا پيار ڀريا جهونڪا هردي ۾ ڪتڪتائيءَ جهڙي پرستتي پيدا ڪري رهيا هئا، منهنجي عادت هئي جو پرويش دوار کان باغ جي پهرين ٻاڙي جي نمائش ڏسي ائين پٺين ٽئين ۽ چوٿين ٻاڙي تي ويجي دنگ ڪندو هوس اُن ڏينهن جو ڪنهن خدا جي نوازيل نُور واري الاهي شاعر سان مُنڊر ۾ ملاقات اڪيل هئي سو هوندن کان قدرتي ذرا وڌ ڪ ويل پهرئين ٻاڙي ۾ ٽڪي پيس ۽ هڪ طرف ديدار ٻاڙي ٻ ٻئي طرف چيٽن چمت جو چنتن جاري هو. اچانڪ ڪنهن غيب مان منهنجو دوست ڦارو ٻاڏو داس "ماڌو" اچي منڊ ۾ منهن ڪڍيو ۽ ڪاڪي ڪيڪر ڪيائين، ساٿس ٻيو هڪ اونهي خيال ۽ خوز ۾ خمارا

مهاورو استعمال ڪري رهيو هو، تڏهن به سندس دل
پڙهيو ڀڳتي - ديش ڀڳتي ۽ جاتي ڀڳتيءَ سان سرشار
هئي. مون هڪ دفعي هجت رکي ڪيس آگاهه ڪيو
ته هو ڀل ڪيڏو نه اوچ شاعر ٿي وڃي، تڏهن به
عام فهم ٻوليءَ ۾ شعر گوئي نه ڪندو ته البت پاسيرو
ٿي ويندو ۽ سندس منوڪامنا ته ديش ۽ جاتي ۽
جا گهڙا ڀريان اسقل رهجي ويندي. مون ڪيس مثال
ڏيئي ٻڌايو ته مسلمان شاعر جي وديشي علم عروض
۽ عربي، پارسي ٻوليءَ جو زياده تر واپر ٿا ڪن، اهي
ڪيئن نه خود مسلم عوام کان ڪٽيل رهجي ويا آهن
۽ سائين ٻيوس ڪيئن نه سليس ٻوليءَ ۾ ڪوتا ڪري
نهايت لوڪپريه ٿي پيو آهي ۽ ڪيس شري دڪايل جو
مثال ڏنم اهو خيال ڪيس آوريو ۽ پوءِ هو سليس
سنڌي ٻولي تي پورو خيال ڏيئي رهيو هو.

ٻن چئن سالن بعد سندس ”تصوير احساس“ ڪتاب
ڇپجي ظاهر ٿيو جنهن مسلم اديبن ۽ خود سنڌ جي
بي. پي. آءِ. مرحوم شمس آل آلما ڊاڪٽر دائود
پوٽي صاحب به خوب گل فشاني ڪري دلي داد
ڏنو ۽ مرڪزي عامي بورڊ سنڌ طرفان به ڪيس ان
ڪتب لاءِ انعام عطا ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ جلد ضيا صاحب هز ماسٽرس وائيس
ڪارڊنگ ڪمپني طرفان مکيه شاعر مقرر ٿيو جنهن

"مون سان دوستي جو هٿ ملائڻ ٿا چاهيو؟"
وراڻيائين قبلا! منهنجا هٿ ميرا آهن هاڻ پريس
مان ڊيوٽي ڏيئي آيو آهيان ۽ منهنجا هٿ چڪڻي
ڪارائڻ ۾ رنگيل آهن. مون زبردستي سندس هٿ
پڪڙي پنهنجي هٿ جي آڱرين ۾ پڪوڙي ڇڏيو ۽
چيو مون "خدا جا بندا مون کي اهو ڪارو برڪتي
هٿ کپي. وقت ته منهنجي هٿن ۾ رهڻ ڏيو جيئن
منهنجو هٿ به برڪتي بڻجي پوي." ڏاڍيءَ نيڻهن
پري نظر سان مون ڏانهن گهوري نهاري مشڪڻ لڳو گويا
گونگين اکين سان ائين چئي رهيو هو ته اچ ڪانوءَ
اسان زندگي ڀر جا ساٿي آهيون.

پوءِ ته واقفن مان وڏي دل وندائيندڙ يار ٿي پياسين
۽ پنهنجا شخصي حال احوال به پيا ڪندا هئاسين
پر ڏٺم ته زماني جي گردش ۾ آيل صيا جيڪڏهن
پنهنجو ڪڏهن ڪڏهن اوکو احوال اوري ٿو ته به
سندس دل خوش ۽ طبيعت مچلندي رهي ٿي ۽
ڪڏهن فڪر کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نٿو ڏئي پاڻ
زماني جي بي وفائن ۽ بيهودگين کي نظرانداز ڪري
هميشه اوچو اڏامندو رهي ٿو ۽ شعر سندس زندگي
ٿي چڪو هو ۽ سندس زندگي خود شعر جو مجسم
بڻجي چڪي هئي ۽ مسلم شاعرن ۽ مسلم اديبن جي
صحبت ۾ هو البت بولي جي لحاظ کان اوکو ۽ دقيق

پر اسان سنڌين لاءِ زيارت جو در آهي ۽ لاشڪ تيرٿ
آستان آهي جن ڪوٺڙين ۾ ٿل جي ڏيئي ۽ گاسليٽ
جي ٽمڻ تي نُوَر نچوڙي پاڻ کي ڏکيو سکيو رکي
سنڌ جي وڇوڙي جا درد ڳايا ۽ مزاڪي نــوع ۾
خانه بدوش سنڌين جي قياس جوڳي حالت ۽ ڪٺمن
۾ سنڌن اهڙن ايذاون جي دردشا دل کولي اظهار
ڪئي ۽ وقت جي حڪومت جي لاغرضائي ڏانهن
به هن وقت به يا چٽجي ته هر روز سو ٽائي ۽
سپاهي جي تخلص سان خوب تنقيد ڪئي ۽ سنڌن
نڪ ڪٽيو؛ جيئن پنهنجي هڪ بيت ۾ سر آلاپيو
اٿس ته :-

”پٽي ٽي ٻوهوءَ ماڻ، ڪنڌ پٽي شل ڪا گريسين جو،
ڪين ڪياٽون ڪو رياڻ.“

يا جيئن ته : ”هڪ-ٻ-ٽي- چار، ٻنجون نمبر ڪئمپ،
ڪڏون ڪوٻا وات تي، ٽٽي نڪا لئمپ.“

يا جيئن ته تــز ترجماني ڪئي اٿس اُنهن ڏينهن
جي راهگيرن جي ذلت جي! ائين چئي :

”جبلن تـــي ٽا جتيون گسايون،
لوهه جا ٻوٽ وٺي ڪي پايون.“

ڪري سنڌس ڳانا مٿين ڪمپنيءَ طرفان مشهور ڪيل
سنڌ جي جدا جدا ڪيترن ڳائيندڙن گوين جهڙوڪ
سنگيت آچاريه ماسٽر چندر، ماسٽر پرمانند ساگر،
ماسٽر مکڻ، ڀڳت مولڻ، ڀڳت جازارام، ڳائڪا جيوڻي
۽ ٻين ڪيترن هندو مسلمان گوين جي آواز ۾ ڪمپنيءَ
طرفان رڪارڊ ڀرايا ويا. جيڪي عام ۾ ڏاڍا پسند
پيا ۽ اهي ڳانا گهر گهر ۾ گونجڻ لڳا. تمام گهڻي
انداز ۾ رڪارڊ وڪامڻ لڳا جنهن ڪري ڪمپنيءَ
خوب ڪمايو.

هاڻي ضيا صاحب جو نالو گهر گهر ۾ وڃي ويو
خاص طرح ان ڪري جو، هو شعر ۽ ڳانا لکڻ لڳو ۽
سنگيت آچاريه ماسٽر چندر اهي ڳائڻ ۽ رڪارڊ ڪرائڻ
لڳو. ۽ بيحد دلچسپي وٺڻ لڳو جنهن ڪري سڄي
سنڌ ۾ ضيا صاحب سگهو ئي چوٽيءَ جي
شاعرن سان ڳڻجڻ لڳو پر سنڌس شاعري جو سلسلو
سنڌين کي تڏهن ڀڄڻو پيو جڏهن سنڌي هندو خانه بدوش
ٿي هند ۾ ٽڙي پکڙي داڻو ٿي ويا.

ضيا صاحب اوائلي خانه بدوشيءَ جي حالت ۾ پاڻ
کي ڪي ٻين شهرن ۾ ٺڪاڻي جي ڪوشش ڪئي پر
سنڌس روح لڳاتار سنڌو نگر ۾ وسندو رهيو ۽ آخر
پاڻ به اچي سنڌو نگر ۾ داخل ڪيائين ۽ لک شڪرانا
مالڪ مهربان جا جو اڄ به سنڌس نواس آستان
سنڌس فرزند شري نارائڻ سنڌالي وٺو آهي جو سڀ

افسوس! اڄ سنڌس ڇڙن ۾ ويهي اَدبي دنيا ۾ پروش ڪرڻ وارا ۽ ڪانونس ئي سڀ ڪجهه پرائڻ وارا ڪيس بنهه وساري ويٺا آهن ۽ ايتري سعادتمندي ڪونه رهي آهي جو ضيا صاحب جا ڪي ته گهڻا ڳائين ۽ سنڌس اَڻ ڇپيل رچنائون ڇپائن ۽ انهن جو ڦهلاءُ ڪن. اڪاڊميز ۽ ٻين سرڪاري امدادن تي پلجندڙ علمي ادارن ۾ به اهو شعور ۽ چاهه اڃا پيدا آهن جو ضيا صاحب کي صفا نظرانداز ڪري ويٺا آهن ۽ سيڪرانن ۽ اَلڙن جا اَڌ سمجهه ۾ ايندڙ ۽ ٻولي جي لحاظ کان بلڪل نڪار ڪتاب ڇپا ڇپائين ۽ انهن کي انعام ڏين، پر پنهنجي اصل ميراث جا پيٽين ۾ بند آهن دست خطن جي روپ ۾ اُن ڏانهن نظر ڪٿي آهي، نتا نهارين ۽ ضيا صاحب جي فرزند نارائڻ کان اهو ٻڌي ڏک رس لڳو اٿم ته ضيا صاحب جي ڇپيل مواد کان سؤ سيڪڙو مواد اڃا سج جي روشني ڏسڻ کان وانجهيو ويو آهي.

ڪريان اميد ته ڪي سچا قدردان نڪري نروار ٿيندا ۽ ضيا صاحب جي خواهشين کي سُورج جي روشني ڏيکاريندا. اهو ٿيو ته به ڪافي ٿيو. حالانڪ منهنجي نجي مرضي آهي ته ضيا صاحب

مان اِهو دعوا سان چئي سگهان ٿو ته سنڌ جي
جدائي جو درد ۽ سنڌ جي شرڻارٿين جي ذلالت جو
ذڪر جنهن نموني جنهن دلي چوٽ سان ضيا صاحب
ڪيو آهي اهڙو ڪنهن ٻئي شاعر اڄ ڏينهن سوڌو
ڪونه ڪيو آهي ۽ داد جا مستحق آهن پروفيسر
رام پنجواڻي ۽ ضيا صاحب! جن هرا سان ۽ پريشان ٿيل
مرجهايل سنڌي ڇورن ۾ مٺي مرڪ آندي ۽ روشن
مستقبل جي تصوير ڇٽي ۽ لوڪن کي آئيندہ جي
اوڄ لاءِ آساهت ڪيو ۽ اڄ اسين ڏسون وينا ته
انهن مان پرپٽا پاڻي اهي اڄ کهڙو خوش بهار آهن
۽ اميد کان وڌيڪ اُنتيءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويا
آهن. سنڌونگر ۽ سنڌونگر جي ڪنڊ ڪنڊ ضيا
صاحب جي قدمن سان جڙيل هئا. مان سمجهان ٿو ته
ضيا صاحب جي اڄ جيئرو هجي ها ته پنهنجي گونگي
قلم سان بيشڪ سنڌونگر جو اڄ ۾ اوچو الهاس ۽
لوڏي جاگرافي ٻڌائي سگهي ها. اِها سنڌين جي
بدقسمتي آهي جو قدرت اسان کان اهڙو بي بها
هيرو ' ڇنو ٿي اوچتو کسي ورتو. اڃا هاڻ ته
ضيا صاحب جو چمتڪار پوري آب تاب سان نکري
سري نظار ۾ رهيو هو.

ضيا سچ ته اسان جي لاءِ ضيا معنيٰ روشني يا
اجهان ۾ هڪ روشن منار هئو.

ملڪ ماں آچڻ وارا خبر چار ٻڌاءِ !

ٽلهه : ملڪ منهنجي ماں آچڻ وارا خبر چار ٻڌاءِ ...

١- گوپ گوپال، گهنشام ۽ گردر خوش هو،
عرص موسو ۽ خميصو علي اصغر خوش هو،
رام ڪرشن ۽ ڪنعيو، هري شنڪر خوش هو،
نُورمحمد ۽ ڏاٽي بخش ۽ اَڪبر خوش هو.
ملڪ منهنجي ماں آچڻ وارا ...

٢- ڏي حسينن جي خبر ماهجبينن جي خبر،
ڏي حبيبن جي خبر ۽ ڏي رقيبن جي خبر،
ٻي سريلن جي خبر ۽ ڏي سريلن جي خبر،
بادشاهن جي خبر خاڪنشينن جي خبر.
ملڪ منهنجي ماں آچڻ وارا ...

٣- حسن وارن ۾ اُڳيون حسن ۽ رنگت آهي،
ناز وارن ۾ اُڳوڻي سا نزاڪت آهي،
ڪنهن جي پيرن ۾ اُڃا ٿاءِ قيامت آهي،
سامهون ٿن ڪي ٻهڻ جي ڪنهن ڪي طاقت آهي.
ملڪ منهنجي ماں آچڻ وارا ....

٤- هاڻ جي باغ وطن ۾ اُها رنگت هوندي،
پتہ پتہ ۾ بہ رعنائي ۽ زينت هوندي،
گل ٿي بلبل ڪي مرڻ جي اُڃا عادت هوندي،

جو ڪل شعر ٽيپ ٿيڻ گهرجي ۽ اهي ٽيهس منهنجي خيال ۾ نئشنل آرڪائيوز وارا بيشڪ ضيا جي شعر کي پنهنجي ذخيري ۾ جوڙي جاءِ ڏيندا.

وڌيڪ ڇا لکان دل ڀريل آٿــم. لوڪن پنهنجو ڀري ڪوي وڃايو آهي پر گوبند پنهنجو سچو دوست ۽ دل وندڻ يار وڃايو آهي جنهن جهڙي سوغات ڪنهن ڀاڳن ڀرئي کي نصيب ٿيندي آهي.

گوبند ايل. ڀاٽيا وڪيل ٢٠-١١-٨٦
امر جيون سوسائٽي، مغل لين،
ماٽونگا بمبئي-16.
فون : 457534

ڪيئن پنهنجا ته هان، ڪيئن تا اغيار هلن.
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ...

٩- ڪيئن تي ٻوڪر ٻچي ڪيئن تا هيٺر فصل تين،
ڪيئن ٻاڻي تو ملي ڪيئن تا عملدار هلن،
ڪين ٻاڻي تا نڌهن ڏين، جڏهن ڪجهه تا وٺن؟
جي انين آهي تڪلر هوُمٽي دانهه تا ڏين.
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ...

١٠- ڳوٺ جي باغ ۾ ايندا هوندا ڳائڻ وارا،
سارنگي ڏڪڙ ۽ يڪتارو وڄائڻ وارا،
سڀ ڪنا ٿيندا هوندا، رنگ ڄمائڻ وارا،
عشق - الاهي جو، آلاپ ٻڌائڻ وارا.
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ....

١١- پيڙون هاڻ به ست روز ڪٽينديون هونديون،
چاهه مان چرخو ڪٽي ڦيرا سي ڏينديون هونديون،
هڪ ٻئي کي سي اُنهي وقت سڏينديون هونديون،
راڳ ڳائينديون هونديون ۽ ڏوهيڙا ڏينديون هونديون.
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ...

١٢- ڏيويون جنڊ ڪٽي هاڻ به وهنديون هونديون،
ڪٽڪ ٻاجهر يا جوئر چاهه مان پيهنديون هونديون،
ليپوهت ۾ ڪٽي گهر پنهنجي کي لپينديون هونديون،

ڪشش بلبل ٿي ٻُڌڻ ڪي روايت هوندي ۔
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ....

۵- شاعرن جي ڏي خبر ڪيتن آهي تن جو سنسار،
هاڻي پڙهندا هوندا گڏجي اُنوڪا اشعار،
قصہ بلبل و گل جو ڪندا هوندا اظهار،
۽ ڪندا هوندا سخن، سخن پر موتي نروار ۔
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ...

٦- ڏي مرشدن جي خبر ڏينم پيرن جي خبر،
چوڌري جي ڏي خبر ۽ ڏي وڏيرن جي خبر،
شيخ جي ڏينم خبر ۽ ڏي برهمڻ جي خبر،
مکي صاحب جي خبر ڏينم ۽ ڏي پنچن جي خبر ۔
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ...

٧- ڏي هندو جي خبر ڏينم مسلمان جي خبر،
ڌرم واري خبر صاحب ايمان جـــي خبر،
ڏينم پنڊت جـــي خبر حافظ جـــي خبر،
خوش رهڻ واري جي خبر ۽ حال پريشان جي خبر ۔
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ....

٨- ڪيتن هاري تا هئن ڪيتن تا زميندار هئن،
ڪيتن تا مزدور هئن، ڪيتن تا زردار هئن،
ڪيتن بازار هلي ٿي، ڪيتن تا واپار هئن،

مون وٽي ڪيئن ٿا هلن هاڻ سي عزت وارا.
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا ...

١٧- بي وطن جن ڪيو سي ڪئن ٿا هلن اهلي وطن،
ڪيئن منهنجي واسطي دل ۾، ڪو هيڏو درد اٿن،
ظلم مون تي ٿيو ان لئه ڪونهي پڇتاءُ اٿن ،
ڪين اَڄ ٿاءِ ڳالا ڪن ٿا ۽ گاريون ٿا ڏين.
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا ...

١٨- دشمني جن رکي، خوش هوندا سي عداوت وارا،
ورتي جن منهنجي ٿي عزت، آهي عزت وارا،
شڪوه ڪنهنجو نه آهي ناهيون شڪايت ڪرڻ وارا،
خوش رهن شل ضيا، ظلم جي عادت وارا.
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا ....

(رڪارڊ جا ٻه پاسا پريل)

گهر پنهنجي جا لٽا سڀ ڪٽي سنڌيون هونديون.
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ....

١٣- هاڻ پيءُ اڄ جهڙو سنتوش گهرن ۾ هوندو،
جنگ جهيڙو نه ڪڏهن ڀيءُ پٽن ۾ هوندو،
پيار ۽ ميل نندن ۾ ۽ وڏن ۾ هوندو،
تنهنڪري هرڪو وطن واسي سکن ۾ هوندو
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا ....

١٤- هاڻ پيءُ اڳي جيان درياهه پيو وهندو هوندو،
ڪاٿي پيو چڙهندو ۽ ڪاٿي پيو لهندو هوندو،
ڪٿ ٻوڏن کي ٽڪر زور سان هڻندو هوندو،
پنهنجي لئه رستو بڻائي پيو لنگهندو هوندو.
منهنجي ملڪ مان اچڻ وارا ....

١٥- فائدي ٻوٽ جي لئه پاڻ ۾ پهندا هوندا،
سارهڪ ٻئي جي، سڄڻ ٻڻجي سي لهندا هوندا،
مڪي صاحب جي چئي ۾ سڀئي رهندا هوندا،
ٻوٽ جا پاڙيسري پاڻ ۾ نهندا هوندا.
منهنجي ملڪ مان اچڻ وارا ....

١٦- بخت بگڙيو له، خفا ٿي پيا قسمت وارا،
وئي دولت، نه پيا بگڙي هئا، دولت وارا،
رئي قسمت له رسي وينا محبت وارا،

آهي دل جي توکي پرت،
هيءَ آهي پر مهنجي امانت،
وجهه تنهن ۾ ڪين خيانت،
ڇڏ هاڻ ضدا ول ڇل تون.
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون ...

٣- ويا آخر جڻ وارا!

ٽيڪ: وڃڻ وارن کي وڃڻو هو، ويا آخر وڃڻ وارا،
اسان کان ويا ڪري پاسو، هئا پاسو ڪرڻ وارا!

١- اسان کي نينهن جو ناتو هئو ڳنڍڻو نڪي ڇنڻو،
مگر جن کي هئو ڇنڻو، ڇني ويا سي ڇنڻ وارا!

٢- نه ڪنهن جي ڪا شڪايت آ،
نه ڪنهنجو ڪوئي شڪوه آ،
اسان هر حال ۾ آهيون، سدا راضي رهڻ وارا!

٣- اهي آخر ڦٽائي ويا، پنهنجي دل تان پلائي ويا،
هئاسين ڪين ڪي جن کي، هڪ پل پي پلڻ وارا!

٤- ضدا هو واقعو اهڙو جو زندي مون لکيو آهي،
اسين نه ته ڪين ڪي آهيون،
روئي واقع لکڻ وارا!

٢- پنهنجي اکين کي جهل تون!

ٽلهه: سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون،
اهي تير نه پل پل هڻ تون، اهي تير ....

١- ڪرين ڪوشش ڇو تون گهائڻ جي،
ڇڱي نه اهي ريت ستائڻ جي،
ڇو مٺڙن کي تون مارين،
وري قياس نه دل ۾ ڌارين،
ڇو تون هر هر ايڏو وڻارين،
جيڪا ڳالهه هجي سا سل تون،
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون ....

٢- اهي ڪارا وار لڪاءِ مٿان،
ڪين واسينگن ڪان ڏنگاءِ مٿا،
اهو ڏنگ سهي ڪين سگهبو،
دنيا ۾ رهي ڪين سگهبو،
نانگن ڪان بچي ڪين سگهبو،
اڃي هجت نه هاڻ هل تون،
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون ...

٣- دل نازن سان هيءَ پالي آئم،
ڏاڍن سورن سان نه سنڀالي آئم،

٥- دل آسان ٻنهي جي هڪ آ!

تلهه: دل هن جي منهنجي هڪ آ،
ڏاڍي آسان ٻنهي کي سڪ آ. ڏاڍي ...

١- مان هن کي وڻان، هوءَ مون کي وڻي،
اهڙو ناتو سڀ سان شال ٻڌي،
مون ته پيتو پريم جو پيالو،
جنهن ڪيو مونکي متوالو،
آهي عشق جو رنگ نرالو،
مون ته پيتي پريم جي پڪ آ. ڏاڍي آسان ...

٢- شل رستو اهڙو هلندو رهي،
منهنجو دلبر مونسان ملندو رهي،
منهنجون گذرن تنهن سان راتيون،
ڪريون لڪي پيار باتيون،
جيئڻ ترن ٻنهي جون چاتيون،
ڇو ته ٻنهي ڌرين کي چڪ آ. ڏاڍي ...

٣- ضديا ٻارڙا ۾ گڏ ٿي رهنداسين،
اسين ناهه ڪري ٻئي ٿهنداسين،
ڪين پيار اسان جو گهٽبو،
۽ هڪ ٻئي کان ڪين هٽبو،
منهن ڪين ٻنهي جو مٽبو،
اها ڳالهه منهنجي هڪ ٽڪ آ. ڏاڍي ....

۴- دل توکي ڏيندس !

ٽلهه: تنهنجي سر جو قسم دل مان توکـي ڏيندس،
ٿون وٺين نه وٺين دل هٿ ۾ کڻي
تنهنجي گهر ايندس !

١- تنهنجي در تي دوست صدا هڻندس،
توکان دان محبت جــو گهرندس،
تنهنجي چانئٺ تـــي سر مان رکندس،
خيرات وٺي پـــوءِ هليو ويندس.
تنهنجي سر جو قسم دل توکي ...

٢- تنهنجي اک جي اشاري سان کسندس،
تنهنجي تير جا گهاوَ پيو سهندس،
تنهنجي ناز اکيان پيو مان نمندس،
تنهنجي سوُنهن تان مان صدقي ٿيندس.
تنهنجي سر جو قسم دل توکي ....

٣- ضيا تـــو سان جڏهن گڏجاڻي ٿـــي،
تدهن ڏينهن کان دل ويڳاڻي ٿي،
دل روئـــي روز نماڻـــي ٿـــي،
تنهنجي قدمن تي سا اڇلائيندس.
تنهنجي سر جو قسم دل توکي ---

٧- خريدار کي تو ڳولهيان!

ٽلهه: دل آهي هٿن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان،
بازار - محبت ۾ تو طلبدار کي ڳولهيان!

١- قيمت آ منهنجي دل جي فقط پيار محبت،
سستو هي آهي سودو ناهي زر جي ضرورت،
بس گهرجي وفائي ٿي، تو وفادار کي ڳولهيان....

٢- دل پنهنجي اٿم ڪرڻي حسينن جي حوالي،
ڪو سهڻو خريدار بڻي دل ڪي سنڀالي،
تو ان ڪري اڄ حسن جي سرڪار کي ڳولهيان....

٣- واپار ضيا اهڙو نصيبن سان ٿئي ٿو،
دل مفت ۾ هڪ عاشق ناشاد ڏئي ٿو،
محبت جي مڪاني ۾ تو منتار کي ڳولهيان....
(قرب جي ميدان ۾ تو قربدار کي ڳولهيان)۔

٨- شعر

ٽلهه: ڪيو تو واعدو مون سان وفا جو
نه پاڙيو تو سو قسم آهي خدا جو

١- تنهنجي اميدن تي جيئرو رهيس ٿي
دلاسو تو ڏنو هو مون کي دوا جو

٢- جڏهن ظلم ستم تنهنجا ڏسان ٿو
پوي ٿو ياد قصو ڪربلا جو

٣- ڏئي ٿي کهڙي خطا، تو هن بيخطا جي
جو دشمن ٿي پيو، آهين ضيا جو.

٦- تنهنجي شهر ۾ آيس

شعر: وطن کان دُور آهيان - دربدر آهيان،
غريب آهيان، ڏسو ڇا ڇا نه ٿيو آهيان.
نڌڻ پسي خوش نصيب آهيان،
سڄڻ جيئن جيئن ڏکاري ٿو،
مان ٿيئن اُن جي قريب آهيان.
ڀلائڻ سان ڀي نه ڀلجان ٿو،
مان ماڻهو کو عجيب آهيان.

ٿلهه: تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان،
پر سهڻا ڪين رهايو تو،
سهڻا ڪين رهايو تو، منهنجا دلبر ڪين رهايو تو....

١- تنهنجي درد ۾ پنهنجو ديس ڇڏي،
پرديس ۾ وينس جاء اڏي،
مان ڪين ڇڏيان ها پنهنجو وطن،
پر نياپن ساڻ گهرايو تو. دلبر ڪين رهايو تو....

٢- تنهنجي عشق سڄڻ مجبور ڪيو،
مون کي پنهنجي وطن کان دُور ڪيو،
م[illegible] توسان توڙ نڀائي آ،
پر دلبر ڪين نڀايو تو. دلبر ڪين رهايو تو...

٣- تون شاد رهين آباد رهين،
مون کي دلبر سدا تون ياد رهين،
ضيا هاڻ وڃان ٿو پنهنجي وطن،
جو دل ٿان دوست ڀلايو تو. دلبر ڪين رهايو...

١٠- دلربا مون وٽ ايندين!

دلربا مون وٽ ايندين، هيڪڙ تون قرب ڪري.

١- تو بن آهي اداسي ڇائي
رات جو مونکي ننڊ نه آئي
تو کان سواءِ دل گهٻرائي
اچي دل کي دلاسو ڏيندين. دلربا ...

٢- تنهنجي منهنجي - منهنجي تنهنجي پريت پراڻي
آءٌ به تو جاڻان - تون به تو جاڻين،
ساجن ايندين ننگ سڃاڻين،
اچي من جو محرم ٿيندين. دلربا ...

٣- سالن کان ٿو ساريان سنڀاريان،
راهون ضيا ٿو روز نهاريان،
تنهنجي ياد ۾ پاڻ ٿو ڳاريان.
هاڻي تون ڪين ڇڏيندين. دلربا ....

١١- ٿي ياد تنهنجي ستائي

ٿلهه: ياد تنهنجي ٿي ستائي، دلربا ايمان سان،
سچ چوان ٿي آهي تنهنجي وفا - ايمان سان.

١- اي مٺا منهنجمون جڏهن تو سان ملاقاتون ٿيون،
ٿيو تڏهن کان تو مٿان آهيان فدا - ايمان سان.

٩- هليا ويندا سين !

شعر: اسين آيا سين سو آيا سين
ورِي نه تنهنجي در تي اچڻو آ،
جي تنهنجي ياد ستايو ڪٿي
توکي خيال ۾ ئي ڏسڻو آ.
اسين تنهنجي دل کي جهليندا سين
اسين پنهنجو پاڻ پليندا سين،
پنهنجو پاڻ سان سُور سليندا سين
اهو سُور نه تو سان سلڻو آ.
تنهنجي در تي اچون، تون اچڻ نه ڏين
توکي ڏسڻ گهران تون ڏسڻ نه ڏين،
مونکي ڪنهن نموني ڪڇڻ نه ڏين
هاڻي منهن سان ڪجهه پي نه ڪڇڻو آ.

ٿالهه: نه ڪبو بحث، نه تڪرار، هليا وينداسين،
نيٺ لاچار ٿي، لاچار هليا وينداسين.
١- ٿا وفا توکان گهرون، پنهنجي وفا جي بدلي،
جيڪڏهن تون ڪندين انڪار هليا وينداسين.
٢- تنهن جي مرضي تي ڇڏيل آهي رهون يا نه رهون،
جي اسان کان ٿئين بيزار، ته هليا وينداسين.
٣- ٻاڻ ڏاين تي ضيا، کهڙي اسانجي هلندي،
بند پنهنجي ڪري گفتار، هليا وينداسين.

١٣- ڪبوتر هٿ ڏيارو ماستر چندر جو ڪليو!

ڪبوتر ڪبوتر، ڪبوتر، ڪبوتر!
خبر هيءَ ڪٿي وڃ عقل جا اڪابر! ڪبوتر ...

١- حسينن جي ٽولي ۾ ڏسجانءِ ڦوالي،
منو سار ڳولهي، وٺي اوت اولي،
مٺا ٻول ٻولي، چُنج ڇهنب ڪولي،
لڳي چٽنگ چولي، وڏءِ يار رولي،
ٽون سنڌڙيءَ مان ڳولهي ۽ ڳولهج پشاور.
ڪبوتر، ڪبوتر ...

٢- ڪبوتر چُنج آب اکڙين ۾ آڻي،
نه ٽوکان سواءِ من ناهي نڪاڻي،
ماڻي وچ مران ٽو الله پاڪ جاڻي،
مٺان دير لائين ورج ٽون سياڻي،
اچي حال سارو سڻائج سراسر.

ڪبوتر، ڪبوتر ....

٣- ڪٿي ٽون ڪٿي مان، ڪٿي آهي منزل،
اچي مان ملان يا نه ٽون ٿئي. اچ مل،
اهو ٿيي مان ۽ ٽون، اها ٿي آهي دل،
اچڻ سان اوهان جي، اها ٿئي آ محفل،
اچڻ جو ڏئي احوال، ها ڪر يا نا ڪر.
ڪبوتر، ڪبوتر ...

٢- جي کڻڻ چاهين ٿو ته ڪجهه ڏک نه ٿيندو ڏاڍهن،
مان ته هردم پيئي ڪندس، تو کي دعا - ايمان سان.

٣- دل لڳائڻ کي سزا ڏيندين - ته سهندس شوق سان،
اي ضيا هرگز نه ٿيندس مان خفا - ايمان سان.

١٢- وئين ٿون دل ڏاري !

او سهڻا نزاڪت وارا، وئين ٿون دل ڏاري،
هاء ماريو آهي تنهن جي هڪڙي اشاري.

١- اکيون مست شرابي، پيو رنگ تنهنجو گلابي،
نشو ٿيو - نشو ٿيو، منهنجا دلبر ساروهوش ويو.
سرڪي اهڙي سڪ ڪان،
مون کي سهڻا ڇڏيئه پياري،
مست ٻڻجي پريتم پل ۾، وينس پاڻ وساري.

٢- تنهن نگاهن جــا ڪڻ ٿون،
دل تي شوق سان هڻ ٿون،

وفا ڪرين يا جفا ڪرين،
راضي ته هر ڪنهن حال ۾ آهيان،
تنهنجي آهيان پياري،
منهنجي ضيا اميد جي ٻيڙي،
آهي تنهنجي سهاري.

۳- ڇيائين اڄـان آزمـائيندو رهـندس
ڪلائيندو رهندس، رُئاريندو رهندس
دِيـا ٻِيو ڪندس ۽ ڌڪاريندو رهندس
جيارِيندو به رهندس ۽ ماريندو به رهندس
ضيا وچ وڃين تون ڇندر کي خبر ڪر
ڪبوتر ......

شعر

ڪارا وار هٽائي مُنهن تـان، منهنجو يـار پسايو آ،
ڇوڏهن جو چنڊ ڪڪرن مان، ڄڻ ٻاهر نڪري آيو آ.
چانڊوڪي ۾ سهڻي جـو ٽيو، اهڙو حسن سوايو آ،
چنڊ به ڏسندي محبوب جي مکڙي کـي شرمايو آ.
گلشن ۾ اڄ گلرو آيو آهه، گلابي ويس ڪري.
ڇيو ڪلين کي گلن، اسان جو سهڻو ساٿي آهـو آ.

۱۵- ٽيو ڪسڻ جو شونق آ!

ٽلهه: اڄ منهنجي دل ۽ جگر کـي،
ٽيو ڪسڻ جـو شونق آ،
ڇو نه تنهنجو ٽيو کهڻ وارا، اڄان نه احسان آ.

۱- وار گيسو منهن تي ۽ ٻيا خال جا داڻا پيل،
مرغ دل جو اهڙي حالت ۾ ٻچڻ نه آسان آ.

۲- شڪر آهي جو نگاهه يار جي قابل نيس،

۴- وفا تو ڪريان تنهن جي عيوض وفا ڪر،
وفائي جي بدلي نه سهڻا جفا ڪر،
اچايو نه ايڏو تون چندر کي خفا ڪر،
منجهيل ڳالهه يا ته تون نپي صفا ڪر،
ڪنڊين ڪونهي آدر پيا اصلي نرادر.
ڪبوتر، ڪبوتر ...

١۴- ضيا جو جواب!

ڪٿي نينهن پيغام آيو ڪبوتر
کيو نينهن لايو سچايو ڪبوتر!
ڪبوتر ......

١- ڪبوتر ڇيو مون ڪٿي ڏاڍي ڳولها
گهمين مون ڏٺا حسن وارن جا ٽولا
نظر اول آيا، ڏاڍا مونکي رولا
مگر منهنجي مشڪل، ڪٿي دور معولا
سچي نينهن تنهنجو، سچالم سراسر
ڪبوتر ......

٢- ڪبوتر ڇيو ڏاڍي ڪاوڙ ڪيائين
غصي مان ٿي منهنجي پرن کي پٽيائين
اڏامڻ جو تيزو ٿي مونکان کسيائين
مگر مشڪ ڏاڍيءَ سان آخر ڇڏيائين
پڇي نينهن آيو آهيان مان برادر
ڪبوتر ......

١٧- تنهنجي در تي ڪين اچبو!

ٽلهه: چڱو تنهنجي در تي ڪڏهن ڪين اچبو،
جي تون ٺار رهندين ته بس ٺار رهبو.
توکي منهن سان اڪر اصل ڪين چئبو،
پنهنجو پاڻ پلبو، پنهنجي دل کي جهلبو؛
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

١- مون تو بي وفا کي وفادار سمجهيو،
وفادار ڇا پر ٿي، غمخوار سمجهيو،
تنهنجي ظلم کي پڻ مون پيار سمجهيو،
مگر اهڙي دوکي ۾ هاڻي نه اچبو،
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

٢- توکي حسن پنهنجي تي آهي وڏائي،
مگر سونهن تنهنجي نه رهندي سدائين؛
جي تنهنجي اچا پيي هلي بي رخائي،
قدم سوچي سمجهي زماني ۾ کڻبو.
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

٣- جي توکي وڻي ٿي نه منهنجي محبت،
منهنجي پيار ۽ باوفائي جي عادت،
ڇڏي ڏي مونکي ناهي تنهنجي شڪايت،
خدا ماڻ ۾ رهبو ڪجهه به نه ڪڇبو،
چڱو توسان ڪوئي به رستو نه رکبو. ......

شڪر آهي جو تير نظر دل جو تيو خواهان آ.
۳- شيشهٔ دل هڪ طرف ۽ سنگدل آئينو بڻي طرف،
ميل اهڙي تي سراسر، اي ضيا نقصان آ.

١٦- سڄڻ دل آزاري آ!

ٽلهه: منهنجي توبهه توبهه زاري آ،
ڏاڍي سخت سڄڻ، دل آزاري آ.

١- نالي خدا جي تڪرار نه ڪر،
تون وصل وارو انڪار نه ڪر،
ذرا قياس ڪو دل ۾ ڌاريندو ڪر،
تنهنجي سُورن منهنجي دل، ساڙي آ.

٢- بي قياس نه ٿي مڏار مٺا،
سوين سُور سڄڻ مون سر تي سٺا،
ساري خلقت منهنجا حال ڏٺا،
هاڻي ڌار رهڻ دشواري آ.

٣- ضيا چوي! ويئون واهون مٺا،
ڪريان در تي مالڪ جي، دانهون مٺا.
منهنجو رب نه سڻندو آهون مٺا،
جيڪا ڪين ڀاڱ سيڱاري آ.

۳- دور سڄڻ ڇاڪاڻ رهين ٿو،
سار ضديا جي ڇو نہ لهين ٿو،
پنهنجو منهن ڏيکار - دلربا ....

۱۹- تنهنجي محبت ۾!

ٽِلهہ: ڇا ڇا مون ڪيو- تنهنجي محبت ۾،
دل جي دولت ويئي - تنهنجي محبت ۾ ...

۱- تنهنجي خاطر سهڻا سائين!
تنهنجي دلبر ڪئي مون ڳولها،
خاڪ لڱن کي لائي - در در الک جڳائي،
آيس خدمت ۾ ...

۲- ساوڻ گذريو، ڦاڳڻ بہ گذريو،
گذري ويئي بهاري،
تو بن سهڻا! ڏينهن سڄو آ، تو بن رات انڌاري،
مار نہ مون فرقت ۾ ....

۳- تو کان ساجن ٻيو نہ گهران ٿي،
ڏي پنهنجي دل نشاني،
تو کي آهي الله وڌايو- قرب اهو ڪر جاني،
تنهنجي محبت ۾ ...

١٨- ڪهڙي ٻڌايان پنهنجي ڪهاڻي

ٿلهه: ڪهڙي مان ٻڌايان پنهنجي ڪهاڻي،
داءِ محبت هه جواني (ڪهاڻي)
دل کي وڃايم جاڻي واڻي - هاءِ محبت ....
١- پرديسيءَ سان اک اٽڪايم،
اک اٽڪائي پاڻ اڙايم،
ٿي آهه منهنجي هاڻ پڇاڻي - هاءِ محبت ....
٢- ناز واري جي ڏسي نزاڪت،
آندم پنهنجي سر تي آفت،
رئندي رئندي رات وهاڻي - هاءِ محبت ......
٣- اهڙي دل ۾ باهه ٻري آهه،
اڃان ضبا ٿي ڪين ٻري آهه
ڪين وسائڻ سان وسامي - هاءِ محبت ....

١٩- نيڻ ڪٽي تون نهار!

دلربا - دلربا، تون نيڻ ڪٽي نه نهار!
١- سهڻي صورت وارا سائين،
پنهنجي سڪ ۾ چو ٿو سڪائين،
ماڻن سان نه ڪين مار - دلربا .. ...
٢- ٻاٻل تنهنجا پوڙهون ٿا،
نيڻ نماڻا روز روئن ٿا،
آهي تنهنجي پچار - دلربا ....

دلڙي نہ ڪنهن سان اٽڪي،
جي اٽڪي نہ لاچار ٿي پيئي پٽڪي.
نہ پلجي ڪنهن سان دل کي لڳايو،
متان دل لڳائي مصيبت پايو.
جو شل دلڙي نہ ڪنهن سان اٽڪي.

٢٢- برسات جون راتيون هجن!

ٿلهہ: تون هجين ۽ مان هجان،
برسات جون راتيون هجن،
باغ ۾ ايڪانت هجي ۽ برهہ جون ڳاليون هجن.

١- مينہ هجي ۽ مان هجان، تون هجين ڳانو هجي،
ڪوڪو ڪوئل جي هجي،
بلبل سنديون ڳاليون هجن.

٢- تنهنجي اکين جي اشاري سان شل ڪٽجي وڃان،
تنهنجي نيڻن ۾ سمايل قرب جون ڪاليون هجن.

٣- تون منهنجي سامهون هجين
۽ مان تنهنجي سامهون هجان،
خاص تنهنجون منهنجون
وڏ هيڏان ملاقاتون هجن.

٤- مان تو لاءِ ماندو رهان
۽ تون مون لاءِ ماندو رهين،
هڪ ٻئي جي لئہ ضياءُ،
دليون ٻئي آتيون هجن.

۲۰- دل کسڻ واسطي !

ٿلهه: دل کسڻ جي واسطي، حيلا هلائيندو ويو،
وات ويندي دلربا ڪيئن اک اڙائيندو ويو.

۱- اوچتو اِي اوچتو دل تي لڳي ويو ڌاڙو،
مال سمجهي مفت جو دلبر ڦٻائيندو ويو.

۲- درد لڳم نه مونکي چاڻ هئي نه واقف هوس،
اَج نئين سر سوز کان واقف ڪرائيندو ويو.

۳- حسن ۽ ناز تي دل کي ويو ديوانو ڪري،
مست اکين سان منهنجي من کي
ويو مستانو ڪري،
اي ضيا، مستي - ڀنا ڀرتي وڌائيندو ويو.

۲۱- مران ٿو، ڪين مار!

مون چيو هڪ ڏينهن سهڻي کي مران ٿو، ڪين مار!
هن چيو توکي چوي ٿو ڪير وٺو پاڻ ڳار.
مون چيو ڪيڏي مدت کان رهي ٿو انتظار!
هن چيو عاشق ٿيڻ چاهين ته رهه پيو بيقرار.
مون چيو هيءَ بيقراري آهي مون لئه ناگوار!
هن چيو چو تو خفا مون کي ڪرين ٿون بار بار.
مون چيو هڪڙو دفعو منهنجي ضيا سان گڏ گذار!
هن چيو مون کي نه مڪڙو آهي روءِ پيو پلي زار زار.

٢٤- وڃان ڪيچ ڏي ٿي ڪاهي!

ٽلهه: مان نه ڪيچ ڏي وڃان ٿي ڪاهي اَديون!
هتان لاڏاڻا سڀ لاهي اَديون!

١- پنهنجي خان کي ڳولهڻ وينديس مان،
پنهنجي خان کي بيٺي سڏينديس مان،
وري پٺتي موٽي نه ايندس مان،
ڇو ته آس ملڻ جي آهي اَديون! مان نه ....

٢- ڇو ٿيون جهليو سرتيون ڇڏي ڏيو،
اُتي مان به وڃان، جتي پنهل ويو،
جت يار نه منهنجو آهي رهيو،
ان شهر ۾ هاڻي چاهي اَديون! مان نه ....

٣- پل پير پٿون برپٽ ۾ ٿين،
پل نانگ بلائون ڏنگ هڻن،
پل شينهن ضيا واٽن تي ملن،
مون کي خوف نه ڪنهن جو آهي اَديون!
مان نه ...

٢٥- ٻه ٿي ڳالهيون توسان يار ڪريان!

ٽلهه: دل چاهي ٿي ته ٻه ٿي ڳالهيون،
توسان يار ڪريان،
توکي پاسي ۾ وهاريان ۽ توکي پيار ڪريان.

٢٣- ڪلهو ڏيندين تہ خوش هوندين!

ٿلهہ: مٿي ڪان پوءِ جدائي ڪي،
ڪلهو ڏيندين تہ خوش هوندين!
وٺي ڪي قرب وارا پاڻ سان،
ايندين تہ خوش هوندين!

١- اسين مهمان دم پل جا، اسانجي موڪلائي آ،
فراقي يار ۾ ٿيٽي هينئر پڇاڙي جلدي آ،
پڇاڙيءَ ۾ اسان ٽي قياس آڻيندين،
تہ خوش هوندين.

٢- شهيد - ناز ٿيو آهيان،
ناز وارن کي هلڻ گهرجي،
اشاقن جي ڪلهن لـي،
لاش منهنجو هيءُ هلڻ گهرجي.
اِهو انجام عاشق سان جي پاڙيندين،
تہ خوش هوندين.

٣- حبيبن جي گهٽين مـان،
منهنجي ميت کي گهمائيندين،
پنهنجي در جـي اڳيان،
منهنجي جدائي کي جهڪائيندين،
ضيا جو عرض هيءُ سڄڻا اگهائيندين،
تہ خوش هوندين.

درد وارن جو درد ونڊائين،
ڪر حشر نه تون برپا - او شل جيوين ...

٢- لالڻ تو کي لال ونڊايو،
چندر، ضيا جو رک تون رايو،
ڪيڏو نه تو کي مون ڀاڙايو،
نيمت ڪندين تون لايو سڃايو،
تنهنجي ڳالهه رکيم هرڪا - او شل جيوين ...

٢٧- اِهو ڇا؟

ٿلهه: اسان کي تو دلبر اٿارين اِهو ڇا؟
ٻين کي تو ڀر ۾ وهارين اِهو ڇا؟

١- اسان کي ڇوئين تو نه ماڙي ڇڏي وڃ،
اسان جي گهٽي ۽ پاڙو ڇڏي وڃ،
بنان ڏوهه جي تو ڌڪارين اِهو ڇا؟

٢- خبر ناهي ڪن ڪير تنهنجا ڀري ٿو،
اڇيو منهنجون توسان گلائون ڪري ٿو،
نه پنهنجو ڪڏهن ڌيان ڌارين اِهو ڇا؟

٣- جي ناراض ٿئين تو نه ماڙيون ڇڏيون ٿا،
اوهان جي گهٽي ۽ پاڙو ڇڏيون ٿا،
ضيا لاءِ ٻارڻ تو ٻارين اِهو ڇا؟

١- اَڄ ٽوکي حال پنهنجو مان ٻڌائڻ ٿـو گهران ،
غير جو دل تي اَٿئي تنهن کي مٽائڻ ٿو گهران .
مان تنهنجو آهيان ٽوکي پنهنجو بڻائڻ ٿو گهران ،
زر مال ٽوتان گهوري لٽائڻ ٿـو گهران ،
من اَهڙيءَ طرح دور ٿو هجر جو آزار ڪريان .
دل ٿي چاهي ...

٢- تنهنجو مان آهيان خريدار ، خبر ڪا اَٿيئي ،
طالب ديد جو طلبگار ، خبر ڪا اَٿيئي ،
رات ڏينهن تنهنجي آهي تار ، خبر ڪا اَٿيئي ،
زندگي منهنجي ٿي دشوار ، خبر ڪا اَٿيئي ،
اَڄ ته ٽو سان اِءَ ضيا عشق جو اظهار ڪريان .
دل ٿي چاهي ...

٢٦- دلدار نه ڏي دڙڪا !

ٿلهه : دلدار نه ڏي دڙڪا ، او شل جيئن ،
مان نه يار اَڳيئي لاچار آهيان ،
بيمار آهيان - بيڪار آهيان ،
ٽون ڪر نه خفا ، ڪر ڳالهه صفا ،
ڇڏ يار ڪٽي چرچا - او شل جيئن - ...

١- هر هــر ڇو ٿو يــار هيسائين ،
قرب وارن کي ايڏو ڪنبائين ،
سڪ وارن کــي ايڏو ستائين ،

٢٩- منهنجي گهر ۾ پير پائيندو!

ٺاهه: ٻڌو تم يار منهنجو منهنجي گهر ۾ پير پائيندو!
اچي پيرا گهمائيندو منهنجي غم کي گهٽائيندو،
خوشي منهنجي وڌائيندو! ٻڌو تم....

١- منهنجي قسمت سهڻل آهي،
اچي اُن کي جڳائيندو،

منهنجي حسرت مٺڙ چاهي اُبي،
اُن کي پڻ مٺائيندو
منهنجي ويران قبر کي اچي جنت بڻائيندو،
شرابي وصل پياري مونکي مستانو بڻائيندو.
ٻڌو تم ....

٢- ماڻ اُن دم چنڊ جي، اوچي بلنديءَ کي
جهڪائيندس،
ستارا عرش تان لاهي، سي رستي تي
وڇائيندس،
سندس آجيان جي لئه آڪاس وارن کي
گهرائيندس،
سندس شيوا اندر جي اپسرائن کان
ڪرائيندس،
ڇڏي ساري زماني کي، مونکي پنهنجو
بڻائيندو - ٻڌو تم ....

٢٨- سو ڀيرو قربان آ!

ٿلهه: جنهن ڏنو هڪ وار توکي سو ڀيرو قربان آ،
تو مٿان ايمان وارن جو، فدا ايمان آ.
آئيني جي سامهون تو جڏهن اچڻ سينگار لاءِ،
آئينو خود حسن تنهنجي تي ڀيرو حيران آ.

١- هي جوانيءَ جي نزاڪت ۽ وري سينگار هيءُ،
تو ڪيو ڪنهن ڪي ڪهڙ لاءِ ڪنڌ سامان .

٢- ٻاڻ ڪي ڳاهي خدا جي واسطي ٻاهر نه آ،
ڇو نه تنهنجي آئي سان، جو ڪي پرهردم جان آ.

٣- حسن تنهنجي کي ڏسڻ سان، دل چئي يڪدم ڏنو:
شڪر آهي جو ڏنو مون هڪ خدا جو شان آ.

٤- سڄ ڀڄڻ سرمي ٻسان،
تنهنجون اکيون پيئون وڃن،
تنهنجي اکين کي ڏسڻ لاءِ هرڪو ڀيو خواهان آ.

٥- ڇو نه تنهنجي حسن لءِ،
دلبر ٿئي عاشق ضيا،
هوُ به دل وارو آهي - عاشق آهي انسان آ.

ڇو تا جانب ايڏي جدائي ڪريو،
تنهن کان ڪالي کٽي منهنجي ڪنڌ تي هٿو.

٣١- ساجن توکي ٿي ساريان!

ٽلهه : رئندي رئندي رات گذاريان
ساجن توکي روز ٿي ساريان!
ڏينهن ڏکيا تو بن گهاريان،

١- ايندين پنهنجا پال پلائي،
مونکي تنهنجي ياد ستائي،
نيڻ کڻيون ٿي راهه نهاريان،

ساجن توکي ...

٢- آندر جو آئيني ڪهڙو رايو،
خط نه سيهو تنهنجو آيو،
آب اکين مان وهني هاريان.

ساجن توکي ....

٣- گهڻا سال ٿيا آئم سڪندي سڪندي،
ضبا ياد ۾ تنهنجي لڇندي لڇندي،
توکي پل پل پيئي پڪاريان.

ساجن توکي ...

٣- ضيا ني يا خدا هڪڙي اهڙي مهرباني ڪر،
فضا اُن رستي جي مدهوش ڪر جنهن ٿي آن،
اچي دلبر،
سندس پيرن جي ڪڙڪي جي ڪنهنکي ڪل،
پوي ڪنهن پر،
اها تنهنجي عنايت ٿيندي منهنجي واسطي بهتر،
چو ته هو نازڪ نازو جو پاليل آ دل پر خوف کائيندو.

٣٠- چو ٿا اوهين بيدرد بڻو!

ٽلهه: آهي دل پر اوهان جي پيار گهڻو!
ته پوءِ چو ٿا اوهين بي درد بڻو

١- مون سان قرب ته پنهنجو وڌيندا ڪريو،
ڪڏهن پنهنجي لڏي ني سڏيندا ڪريو،
ڪڏهن مون وٽ پي لوهان ايندا ڪريو،
چو ته مونکي اوهين ٿا ڏاڍا دوست وڻو.

٢- ڪو خط ٿا لکو نڪا ورندي ٿا ڏيو،
چو ٿا سڪ وارن سان ائين سخت ٿيو،
منا واجب ناهي اوهان کي اهو،
سڏهن قام ۽ ڪاغذ به ته هٿ پر ڪٺو.

٣- ڪجهه پنهنجي ضيا سان ڀلائي ڪريو،
ڪين قرب وارن سان ڪچائي ڪريو،

بيابان کي مان وسائي تو جاڻان،
پريشاني پنهنجي وڌائي تو جاڻان،
خوشيون راحتون سڀ مٽائي تو جاڻان،
ضيا درد دل ۾ دٻائي تو جاڻان،
دوا ڪر ته اُن جي ڪرائي تو جاڻان!

ڀلي ڏس ضيا کي سچ کي آزمائي
جي توکي ڪئي آ، آزمائڻ جي عادت،
توکي آهي خبر...

٣٣- توکي ملڪن ۾ مشهور ڪندس!

ٿلهه: پنهنجون ڳالهيون سڀڪي مان ڳائيندس،
توکي ڀل ڪئي ڪين ڀلائيندس.

١- توکي ملڪن ۾ مان مشهور ڪندس،
پنهنجي نيهن جو نعرو لڳائيندس
پنهنجي سونهن کي پيو سارائيندس،
پنهنجي حسن ادائي هر جا ڳائيندس
پنهنجون....

٢- پنهنجون ڳالهيون ڪندس مان يارن ۾،
پنهنجو ذڪر ڪندس دلدارن ۾،
پنهنجي هاڪ ڪندس هاڪارن ۾،
پنهنجو جڳ ڪٿ شان وڌائيندس،
پنهنجون...

۳۲- خنجر وهائڻ جي عادت

ٺلهه: توکي آهي خنجر وهائڻ جي عادت
مونکي ٻي آهي سر توکي کپائڻ جي عادت
مان آهيان دل کي لڳائي تو جاڻان،

محبت ۾ سڀ ڪجهه وڃائي تو جاڻان،
جدائيءَ ۾ دل کي جلائي تو جاڻان،
چهرو پاڪ کي مان ٻڌائي تو جاڻان،
عقل هوش پنهنجو گنوائي تو جاڻان،
هجت ۾ مان هستي مٽائي تو جاڻان،
پتنگ مثل دل کي پچائي تو جاڻان،
پنهنجون حسرتون سڀ دٻائي تو جاڻان،
ٻئي جوڳي دونهين دکائي تو جاڻان،
صدا ڪنهن جي در تي لڳائي تو جاڻان،
جي اک کو ملائي نہ ملائي تو جاڻان،
پڪو پيار جو پيچ پائي تو جاڻان،
ڪنهن جي عشق ۾ گيت ڳائي تو جاڻان،
محبت جي مرلي وڄائي تو جاڻان،
وفاداري جو بہ دم لڳائي تو جاڻان،
ڪنهن سان توڙ تائين نڀائي تو جاڻان.
راهہ عشق ۾ پير پائي تو جاڻان،

ماستر چندر جي سنڌين سان روح رهاڻ

٣٥- هوشيار سنڌي!

ٿلهه: هر فن ۾ آهن - سي هوشيار سنڌي
وفائيءَ جا پتلا وفادار - سنڌي

١- شهيدن ۾ هاسل ڪنور ۽ ڪالاڻي
فقيرن ۾ روچل - وسڻ - واسواڻي
امرلعل - سوامي - آنبو - نيڀراجا
ڏرمون - ٽيئون - هرچو - ڄيسل گلراجا

ڀيرديوي - رامل - جيوت يار سنڌي
هو هرداس - عيدن - قربدار سنڌي

٢- آچاريه - تاراچند - چوئٿرام سنڌي
آ ڄيرام - پرتاب - گهنشام سنڌي
دڪايل ۽ هاسل - ضيا رام سنڌي
هو ڀيوس - عزيز ۽ پرسرام سنڌي

ڪتارو ۽ نانڪ - ناري يار سنڌي
منگهارام جي. بي. پڊ بار سنڌي

۳- تنهنجون ڪجل ڀنا هي ڪاريون اکيون،
جيڪي آهن نيون ڇهڙيون لکيون،
اها ڪار ڇهڻ جي ڪنهن کان سکيون،
تنهنجي اکين کي مان ته سمجهائيندس،
تنهنجون ....

۴- مون کي تنهنجي جوانيءَ ڪاريو آهه،
ضيا پيار ڪرڻ سيکاريو آهه،
مون کي تنهنجي محبت ماريو آهه،
تنهنجي قرب ۾ پاڻ کهائيندس.
تنهنجون ...

۳۴- نگاهي- يار هجي!

ٽلهه: ڪليجو منهنجو هجي ۽ نگاهي يار هجي،
چڱي جو تير ته سيني کان آر پار هجي.

۱- اها تـي طالبي ديدار جي تمنا آ،
نگهائون منهنجون هجن ۽ جمالي يار هجي،
۲- شرابي - عشق پڻارڻ گهرين تو اگر ساقي،
انهيءَ شراب جو مونکي دائما خمار هجي،
۳- اچي مزو تـو ضيا اهڙو انتظاري ۾،
خدا ڪري ته سلامت سو انتظار هجي.

سُريلو ڳائي ڄڪ سنگر به سنڌي
ڪاميڊين ۾ ٻهريون هو نمبر به سنڌي
ادائن ۾ عاقل اداڪار سنڌي
ڪويتا ۾ قابل قلم دار سنڌي

٧- ڪو مرلي ڪو مردنگ ڪو منڪو وڄائي
ڪو وايولن تي واڄٽ وڄائي ۽ ڳائي
ڪو سِتار گٽار جي ڌن تو لڳائي
ڪو سرگم سان ٽانون سريليون سڻائي
هزارن ۾ هوندا ڪلاڪار سنڌي
موسيقيءَ ۾ به ماهر مهندار سنڌي

٨- ڪي انجنير ڪي انسپيڪٽر به سنڌي
مئجسٽريٽ منشي ڪليڪٽر به سنڌي
گورمينٽ ۾ آه گورنر به سنڌي
حڪومت ۾ حاطي ممبر به سنڌي
سپاهي ڪماني صوبيدار سنڌي
وڪيل ڊاڪٽر آهن اڪيچار سنڌي

٩- ڏسو ريل بس ۾ آ ڊرائيور به سنڌي
ٽڪيٽن لئه ٽي ٽي ڪنڊيڪٽر به سنڌي
دڪان جو آ مالڪ ۽ نوڪر به سنڌي
ڪري گهور دلڙن ۾ چوکر به سنڌي

٣- غريبن جا سائي، آهن نوسنگهه گوالائي
پرمانند هندوجا مرائي اڏنائي
کنيالعل کٽوائي - ايس - ايسرائي
عطر سنگتائي - هولچند آڏوائي
پيو رامڪرشن آڏوائي شيوادار سنڌي
۽ ميگهراج ڇابريا، مددگار سنڌي

٤- اديبن ۾ اجوائي پيا بڻي بنائي
خوشالائي - کندلائي - بڻي ناگرائي
ديوان ڪوڙومل - جيٺمل - پهروائي
مالهي - لعلچند - پرسيمل آڏوائي
۽ رام جيٺملاڻي علم دار سنڌي
قلم جا سي قابل قلمدار سنڌي

٥- دنيا جي ديسن ۾ سنڌين جا ديرا
ڏيساور لنڊن ۾ ۽ ايران ۾ ڏيرا
ڏسو آمريڪا ڏسو افريڪا
جپان چين جاوا يا جرمن جاڪرتا
واپاري بڻي ڪن ٿا وهنوار سنڌي
هر ڌنڌي ۾ آهن خبردار سنڌي

٦- ڏسو دلمي دنيا ۾ اڪثر ٿا سنڌي
ڊائريڪٽر يا ميوزڪ ڊائريڪٽر ٿا سنڌي

١٣- وطن لاءِ ڀاڳي سنڌي ٿيا الاهي
وٺي جن فقيري ڇڏي پاتشاهي
وطن جي لڙائيءَ جا گهايل سپاهي
سنڌي صرف آهن جنجو اوهي نه واهي
ڇا پارس ۾ ناهن حصيدار سنڌي؟
سچ نه تاج هند جا آهن حقدار سنڌي!

١٤- ٿيا جيڪي قربان سي ڪاٿي ڏڪا ٿا
سنڌو جن سنڌين اڄ لڳن سي ڦڪا ٿا
سنڌو جن نه ڪيچ پڇي أڏائين مزا ٿا
ڀلائي جي بدلي ڏين بس سزا ٿا
هو سمجهن ٿا آهن هي بيڪار سنڌي
مگر سچ پڇو آهن وفادار سنڌي

١٥- محبت جي مجلس ۾ هر قوم هوندي
مگر تن ۾ نه هوندو قربدار سنڌي
ڪمائن ٿا رپئي ٽي رپيو هتان جا
ڪري پئسو رپئي ٽي واپار سنڌي
حڪومتجي طرفان آهي روڪ جن تي
مگر پن مان ناهن ٿا ٿي چار سنڌي

١٦- ڪري ڪو ڏيکاري هندي پاڻ فئشن
جيئن ڪن ٿا صفائيءَ سان سينگار سنڌي
وڃي گهر سنڌين جا گهمي سو ڏسي پل
سخاوت ۾ هوندو نمبروار سنڌي

پنهنجو پاڻ سان آهن مددگار سنڌي
آ ٻئنڪر نہ سنڌي ۽ قرضدار سنڌي

۱۰- پياسن کي پاڻي پيارين ٿا سنڌي
جڏا جيءَ کيٽي نہ جيئارين ٿا سنڌي
ڌرمشالا ۽ مندر بڻائين ٿا سنڌي
لٽي گهر کي ميلا لڳائين ٿا سنڌي
اهو ڪن ٿا دن رات اُپڪار سنڌي
غريبن جا سي آهن مددگار سنڌي

۱۱- پراون کي پنهنجو بڻائن ٿا سنڌي
سنگت توڙ تائين نڀائين ٿا سنڌي
پنهنجا سور دل ۾ سمائين ٿا سنڌي
نہ ٻئي ڪنهنکي ڪولي ٻڌائن ٿا سنڌي
ٻچو ڇا ٿا آهن ٻي غمخوار سنڌي
سدا خوش گذارن ٿا من ٺار سنڌي

۱۲- هتي جن جا هر سال لڳندا ها ميلا
هتي سيٺي لوڪل ۾ وڪڻن پيا ڪيلا
هتي جن جي در تي هزاران هئا چيلا
ڪساڻي اٿي هت ڪڏهن و پنا چيلا
سنڌين کي چون ٿا نہ نادار سنڌي
مگر ڪو سمو هو ها زردار سنڌي

سنگيت ڪار ماسٽر چندر ۽
گيت ڪار پرسرام ضيا

سنڌ سگهڙيءَ واپاري وڻجارن کان سواءِ صوفي سنتن، درويشن ۽ فنڪارن کي به جنم ڏنو آهي. جن خالق جي بندگيءَ سان گڏ ان جي مخلوق کي انسانيت ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي.

انهن فنڪارن ۾ هڪ جوڙي هئي ماسٽر چندر ۽ شاعر پرسرام ضيا جي. جي لڳ ڀڳ اڌ صديءَ تائين سنڌي سنگيت ۽ شاعريءَ ۾ ڇانيل رهيا.

ڪلاڪار سرسوتي ديويءَ جا اپاسڪ ٿيندا آهن. ڌن جي ديوي لڪشميءَ جا اپاسڪ به هنن جي اڳيان سجدو ڪندا آهن. ڪلاڪار يا فنڪار جو جيون سنگهرش ۽ ساڌنا جو سفر هوندو آهي. ان سفر ۾ انيڪ اڻانگها پيچرا، راهون، لڪ لنگهڻا پون ٿا. پوءِ به ثابت قدم رهڻو پوي ٿو. آزمائشي دؤر ڏسڻا پون ٿا، ليڪن قدمن ۾ ڪا به لرزش نه ايندي. ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي جاتيءَ ۽ يگ جا علمبردار ٿين ٿا. سرسوتي ديويءَ جي اپاسنا ۽ انهيءَ آسيس سان هو ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي ماڌيم سان جاتي ۽ سماج جي وڪاس ۾ نوان ماڻ اسٿاپت ڪن ٿا. هو پنهنجي رچنائن ۾ قلم ۽ واڻيءَ جي يوگ سان سماج

ته پاڪيٽ ۾ پل ھجي ھڪ ٻه پائي
سچائي ۾ سيٽيل ھوندو يار سنڌي

١٧- دنيا ۾ جا سھڻا ڪتا پل ڪريو ٻر
حسينن ۾ ھوندو سو سردار سنڌي
چندر چنب تائين اگر ڪو ٻه پھتو
ته سمجھيو سو ھوندو پھريون يار سنڌي
زمين چنب تي جي لھيا گھر ٻزاريون
ته آتي ھرشيءِ جو ھوندو دڪاندار سنڌي

١٨- گڻن سان گڏ ھڪ ٻه اوگڻ رھن ٿا
سنڌي ٿي سنڌين کي ته ھرگز سھن ٿا
فقط ذاتي خاطر ٻرن ٿا ڳھن ٿا
ته پاڄي عزيزن جي سڌ ڪا لھن ٿا
گلن کي ٿا سمجھن ڪنبا خار سنڌي
ته ته ته ھر طرح آھن سي ھوشيار سنڌي

١٩- سنڌي ٿي سنڌين کي ٿا کائن عجب آ
چڙھيل کي ٿا منزل تان لاھن عجب آ
جي پاڻرن سان ٿا پائن عجب آ
ته پاڄي **چندر** پاءُ پائن عجب آ
اھو ڪن ٿا اٿو سو وھدوار سنڌي
ته ته ته ھر طرح آھن خبردار سنڌي

هئي. ٻئي همعصر، همدم ۽ همعمر هوندي به، ڪي
ـدر مختلف هئا. ٻئي درويش صفت هئا. گهر
گرهستي وارا هئا. ڪرم يوگي هئا. پنهنجي دور جا
سنگيت ۽ شاعريءَ جي کيتر ۾ يگ پرورتڪ هئا.
ـسپ کان وڌيڪ هو سواولمبي هئا.

سنڌ ۾ عام ماڻهو لوڪ سنگيت ۽ ڀڳت جا مشتاق
هوندا هئا. دکايل به، لوڪ سنگيت جي ماڌيم سان
راشٽر پريم کان اتساهت ٿي قومي ترانا ڳايا، ليڪن
اهو به هڪ محدود طبقي تائين هو، سنت ڪنورام،
ڀڳت مونڻا ۽ ڇوٽي ٻائي وانگر هڪ نرالپ سان
ماسٽر چندر سنڌي سنگيت کي هڪ نئون موڙ ڏنو.
ماسٽر چندر سنگيت جي دنيا ۾ چمتڪاري ڪلاڪار
بڻجي آيو. هڪ نئين انداز سان ۽ پنهنجي مخصوص
شيليءَ ۾ هن سرل سنگيت سان سنگيت پريمين کي
منتر مگڌ ڪري ڇڏيو. سنگيت کي هڪ نئون اعزاز
۽ شرف عطا ڪيو. طوائفن ۽ رئيسن جي ادارن ۽
محفلن مان سنگيت نڪري شهر - شهر، ڳوٺ - ڳوٺ
تائين پهتو. عوام انجو دل کولي سواگت ڪيو. ڪليل
ميدانن، سمارهن، ڌرمشالائن ۽ وڏن مندرن،
چبوترن، ميلن، ورسين، قومي، سانسڪرتڪ
اتسون ۾ سنگيت جي ڌارا جاري ٿي ويئي.
هز ماسٽرس وائس جي آغاز سان سنگيت جي دنيا

جي ترجماني ڪن ٿا. مٿان ڪري ڪلا سماج جو درپڻ يا درسني آهي.

ڪلاڪارن ۾ شاعر به آهن ته گائڪ به آهن ته. شاعر سرجنا ڪري ٿو ۽ گائڪ ان ۾ سر ڀري ٿو.

شيلينڊر هڪ لتا منگيشڪر کي چيو هو،
”تون گا ۽ ميرا گيت امر هو جائي.“

ضيا جي گيتن ۾ چندر سر ڀريا ۽ انهي امر ٿي ويا. چندر چنڊ کي چوندا آهن. چنڊ جي مهما ان ڪري آهي جو هو رات جي اوندهه کي پنهنجي پرڪاش سان دور ڪري ٿو. چنڊ ۾ سج جي تاپش جي بدران سيتلتا هوندي آهي جو روح کي راحت ڏيندي آهي.

چنڊ پريمين جو پرتيڪ ۽ پيار جو پيامبر آهي. هن جي چانڊوڪيءَ ۾ هڪ عجيب ۽ انوکي ڪشش آهي. ان ڪري پيار جي مجسم تاج محل کي پورنما جي چانڊوڪيءَ ۾ ٿي رسڪ ۽ پريمي جوڙا ڏسڻ لاءِ ڪٿان - ڪٿان کهي آگري ويندا آهن.

ضيا جو مطلب آهي ’پرڪاش‘. قدرت چنڊ ۽ پرڪاش جي جوڙي ”چندر ۽ ضيا“ جي روپ ۾ ٺاهي ۽ ٻنهي جو رشتو انوٽ رهيو.

منهنجو سنڌ جي هن مانائتي جوڙيءَ سان سڌو ڪان نه ناتو هو. ٻنهي جي ويچارن ۾ ٻڪوجودڳي

ويلي، ماڪ جي ڦڙن سان ڀريل گلن جي خوشنما ماحول ۾ "سنگيت ڦُول" چندر سڀني سنگيت ۾ هڳاءُ ڀري ڇڏيندو هو. تازگي ۽ طراوت سندس خوبصورت چهري تي لوڪ پريتا جي پرپورتا ۽ پيار سان نمايان هوندي هئي، ٿڪاوٽ جو نشان به ڪونه هوندو هو.

اِن ريت وِرهاڱي کان اڳي خواه بعد ۾ ماسٽر چندر سنگيت لاءِ سمرپت رهيو. سنگيت سندس سادنا به هئي ۽ روزيءَ جو وسيلو به.

ٻنهي هڪ ٻئي سان نباهيو. اڄ سندس سپاتر سندس پرمپرا کي نباهي رهيا آهن.

"هز ماسٽرس وائس" جي سڀ کان مقبول ڳائڪ جي روپ ۾ ماسٽر چندر (بذات خود شاعر هوندي به — چندر تخلص .... مثال طور:- "چندر ته آهه چريو، ڀلا چرين جي دل ۾ ڇا ڪجي..." وغيره).

سنڌ جي انيڪ شاعرن جي رچنائن کي پنهنجي سنگيت سان سنواريو جن ۾ گهڻي ڀاڱي هن ڏکايل جا گيت رڪارڊ ڪرايا ... پر سرڳواسي پرسرام ضيا جي اچڻ بعد جڻ "سون تي سهاڳو" ٿي ويو.

ضيا صاحب تخلص به چوندي رکيو هو. قدرت هن جي اندر ۾ دل ۽ دماغ ۾ سوچهي جو پرڪاش ڪوٺان ڪوٽ ڀريو هو. هو نه رڳو صاحب سخن هو

۾ هڪ نئون آغاز ٿيو جڻ انقلاب اچي ويو.

پنڊت ڪنور رام صاحب ڪانپوءِ سنڌين جي
هر دلعزيز گائڪ بڻيو ماسٽر چندر. گراموفون- رڪارڊ
ڊيلرس جي هر شهر جي دڪان تي دلڪش ڇپري
وارو، شيرواني ۾ ملبوس مشڪندڙ مکڙي واري
ماسٽر چندر جي تصوير ازخود ڌيان ڇڪيندي هئي
گراموفون تي سئيءَ سان وڄندڙ رڪارڊ مان ڪنن ج
سريلو آواز گونجندو هو:

”ڪجهه نه پلا ڏينم سڄڻ ڪجهه نه پلا ڏي ....“

”رس نه رسڻ ۾ ڇا آهي راڻا....“

سهڻا عرض آهي، دل جو مرض ٽاهه ....

ان بعد هڪ ٻيو سلسلو آهي ”ڪبوتر ڪبوتر....“
خبر هيءَ ڪٺي وڃ عقل جا اڪابر... هندستان ڳولي
۽ ڳوليم پشاور ....؛ عشق جي اتهاس ۽ جاگرافي ج
مرڪب سوال هوندو هو انهن گيتن ۾ ...

چندر جا رڪارڊ ڪرسن ڪيڪن وانگر وڪامند
هئا. دور ڀرازيءَ جا ٻوجهه ... غريب هاريءَ ڪا
وٽي زميندار، وڏيري، ديوان، ماستر، پروفيسر
گهوڙيوار، دڪاندار، هر طبقي جو سنڌي سنگيت
پريمي ماسٽر چندر جي نئين رڪارڊ لاءِ منتظ
رهندو هو. محفلن ۾ ڇانئجي ويندو هو. رات ج
۹ - ۱۰ بجي کان آڌي رات يا بعضي اسر- ٻرپائ

سنڌين جو مجسم - سنڌي روايتن جو جيئرو جاڳندو روپ سندس شخصيت ۽ وهنوار ۾ ملندو هو.

اَنيڪ مشڪلاتن ۽ ناموافق حالتن ۾ رهندي هن سنتوش ۽ شرافت جو دامن ڪين ڇڏيو. هُو سرشتا ۾ هو ته ڪرشتا ۾ هو. هن علم عروض جو مڪمل اڀياس ڪري ڇند شڳند سان نئين سنڌي شاعريءَ ۾ هڳاءُ پريو ۽ اَنيڪ نون شاعرن جي رهبري ڪئي. جن مان ڪيترا اَڄ استاپت ۽ مشهور شاعرن جي روپ ۾ سنڌي ادب جو خزانو مالا مال ڪري رهيا آهن.

سڀاءُ جو رلڻو ملڻو هو. سندس صحبت ۾ هڪ اَنوکو آنند محسوس ٿيندو هو. هن جي جيون جو مقصد ئي هو "ڪوتا". ڪوتا ۽ جيون هڪ روپ ٿي ويا. اَڄ ڪاليج جا وديارٿي. ضيا جي ڪوتائن جو اڀياس ڪري لاڀ ۽ ثواب پراپت ڪري رهيا آهن.

پراچين سنڌي ڪوتا جي ترقيءَ ۾ سامي صاحب ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سڻائي. ڌرماتما ضيا "سکمنيءَ جو شاز سنڌيءَ ۾ سڻايو" نه رڳو سکمني پر گيتا جو مرم به سنڌيءَ ۾ سڻايو. سنڌيءَ ۾ "گيتا" جو الٿو ڪري عام سنڌين سان هن وڏو وڙ ڪيو جو اَڄ به گيتا جهڙي نيتي شاستر جو گيان

پر سنڌ ۾ بيوس ۽ عزيز کان پوءِ سنڌي نئين ڪوتا
جو باني هو. بيوس، عزيز ۽ ضيا جـي آرمور لاءِ
"سنڌي ڪوتا" کي هڪ نئون موڙ ڏنو جو ورهين
تائين نئول شاعرن جي رهنمائي ڪندو رهندو، انهن
چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي.

ضيا صاحب ڪو عالم ۽ فاضل ڪونه هو. پر هن
کي الاهي ڏات عطا ٿيل هئي. چندر سالن تائيـن
اُنيڪ شاعرن جا گيت ڳايا ۽ ڦهلايا. ليڪن ضيا
جا ڳايل گيت هڪ جاوداني ۽ جادو بياني جا مرڪب
هئا جي اَڄ به لوڪ پريه ۽ روُح کي ريجهائين ٿا.

اَڪثر هرڪو سنڌي شاعر اَباڻي ملڪيت ڇـي
ڏنگيو آهي. ضيا صاحب کي نـه وراثت ۾ ڪجهه
مليو نه وري پاڻ ئي ڪو ڪُونگر هو. دل جو ۽ لفظن
جو بادشاهه هو. فقيريءَ ۾ به اَميريءَ جو لطف مائيندو
رهيو. طبعيت جو به مسڪين ٿـي، آرٿڪ طور ا...
تنگ دستي ۽ بدحاليءَ ۾ اڪثر مبتلا رهيو. پـ...
شڪوه - شڪايت کان ڏه ڪوهه ڏُور. شايـد ان...
صبر و استقلال ۽ خود داريءَ سندس قلم کي اَهڙ...
جلوو عطا ڪيو جو هن هرهڪ رچنا کي "شاهڪار"
بڻائي ڇڏيو. ١٩٥٣ ۾ "اسٽالن" ۽ ان بعد "اَمـن"
لي رچيل سندس ڪوتائون وشوشاهت جي اُهتر...
رچنائن ۾ شمار ڪيل آهن.

اُڪتي ڪئي ۽ آگاهه ڪيو. سماجي ووستا تي طنز ڪندي لکيائين:-

”ڪيترا ڪن ٻـار آيائن ٻلي،
ماءُ جي لولي نه تن کي ٿي ملي.“

مهاتما گانڌيءَ جو سچو پوئلڳ هو. سوراج کي رام راڄ سان ڀيٽ ڪندي ٻاپوءَ چيو هو ته غريب جي اک جا ڳوڙها اگهڻ سان به سوراج جو اُڌيش کي قدر پورو ٿي سگهي ٿو. ضيا صاحب جي قلم ۾ به جنبش آئي. فرمائي ٿو:

”چشم پرنم، آه لب تي ۽ اُتم چهرو اداس،
بيڪسي ظاهر ڪري ٿو منهنجو هي قاتل لباس!
علم ۽ تهذيب کي حاصل ڪرڻ مشڪل نيو،
هاءِ دنيا ۾ مون کي اُڃي وڃڻ مشڪل ٿيو!

آسماني ستارن کي به مخاطب ڪري چوي ٿو:

بسيه بختي جي اوندهه ۾ اُوهان ڪڏهن متائي آ؟
اُوهان بخشي غريبن کي ڪڏهن ڪا روشنائي آ؟

سنڌي ٻولي ۽ سيتا جي آئينده جي چنتا ۾ وياڪل ضيا چوي ٿو:

ٻجڻي ۾ اُلٽي گنگا ٿي وهي،
هرڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان ٿهي.
۽ ڪانوينٽ اسڪول ۾ ٻارن جي پيڙ،
خواب انگريزي پيو هرڪو لهي.

اُهڙي طرح اُجوڪي ديڪا ديکي ۽ نقلي شان تي چوٽ ڪندي لکي ٿو:

سرل نموني پراپت ڪري سگھجي ٿو ۽ پنهنجي جيون ۾ هنڊائي سگھجي ٿو. پنهنجي گرنٿن جو ترجمو پشتو ۽ معنيٰ پڙهو ڪيل آهي.

ضيا صاحب جي اندر ۾ اتما ڇوليون اٿنديون هيون. ان ڪري انهن کي ڏؤ قلمبند ڪري گهاگهر ۾ ساگر پرپندو هو.

"جو دل ۾ آهي زبان سان چوڻ اچيم نٿو،
هزار آرزو آهن، ڪجھ اچيم نٿو."

تصوير احساس، ادبي گل جهڙا شاهڪار رچڻ واري ضيا جي انعامن سان قدرشناسي ٿي. ليڪن زندگي ساٿس وفا نه ڪئي. جيڪڏهن هو صاحب ۱۰-۱۵ سال وڌيڪ زنده هجي ها ته سندس ڪلام ۾ جيڪا زبانداني، محاوره بندي ۽ سلاست ڪانسواءِ پيچيدن خيالن کي صاف ۽ سرل سنڌيءَ ۾ سلجھائڻ جي جيڪا ادبيت قوت ۽ تخليقي ملاحيت هئي، اها سنڌي ڪوتا جي خزاني ۾ اَمول رتن پري ها ۽ "سنڌي ڪوتا" کي وشو ڪاويه ساهت ۾ هڪ مخصوص درجو عطا ٿئي ها.

ڪوتا جي ماڌيم سان ضيا هر وشيه تي طبع آزمائي ڪئي ۽ خوب رچنا ڪئي. هو سچي اَرٿ ۾ جنتا جو شاعر هو. هو عوام جو آواز هو. هن ديش، سماج جي اندر وياپڪ پرشناچار جي هڪ درشنا وانگر

"BY MAHTAB MAHBOOB
PAKISTAN SIND"

جڏهن کان دادا چندر "سُر ۽ ساز" جي دنيا ۾ پنهنجو مبارڪ قدم رکيو آهي، تڏهن کان ئي هو هر دؤر ۾ عظيم ۽ مقبول ڳائڪ ليکيو وڃي ٿو. اهو اعزاز گهٽ فنڪارن کي حاصل آهي ته نه. سنگيت ڪلا اهو ساگر آهي جنهن جي من پاتال ۾ سوين ماڻڪ موتي لعل ڦريا پيا آهن جنهجو ڪو ڇيهه ئي ناهي. دادا چندر به انهن مان هڪ آهي. اسان سنڌين جي خوشنصيبي آهي ته اهو جواهر اسان جي حصي ۾ آيو آهي جنهن جي غير فاني ڪلا، سنڌ جي سينڌ ۾ سندور جيان چمڪندي رهي آهي.

هن جا گيت سنگيت، سنڌين جي رڳ رڳ ۾ سٽيءَ جيان سمايل آهن. ورهيه لنگهي ويا آهن پر دادا جو آواز اڄ به هر ڪنهن لاءِ ٻي انتها اُتساهه جو باعث آهي. سندس سدا بهار آواز ۾ جيڪا دلڪشي ۽ حسن آهي، جا زينت ۽ جواني آهي، سا دلين کي متاثر ڪرڻ کان سواءِ نٿي رهي.

هن جا امر گيت ڪڏهن ته ٻڌندڙ کي گهايل ڪيو ڇڏين ته ڪڏهن وري گهاون تي مرهم جو ڪم ڏين ۽ ڪڏهن نئين سنئين چڪڙ ڪاڻ، سمورا ڦٽ اُکيڙيو

اصل وسريو نقل ٿي ڪن ناز ٿا،
ڪن پراوا پر ڪٽي پرواز ٿا.
حقيقت جي منزل تان انسان ڪري پيو،
فقط ڏيکا ڏيکي ٿي هرڪو هري پيو.

رنج ۾ به راحت - سنتوش ۽ تحمل جو درويشي ۽ عالمانو خيال:

رنج ۾ راحت اچي فرقت ۾ ٿي قربت اچي،
مان اهو آهيان، ٿي جنهن کي درد ۾ لذت اچي.

خود ضيا صاحب چيو، "منهنجا منٺڙي ۾ مٺڙا گيت آهي آهن جي درد ڀريو داستان ٻڌائن ٿا.

ضيا صاحب آشاوادي شاعر هو:

"نراشا نربلن جي آ، **ضيا** بلوان جي آشا،
جو ناممڪن اڪر آهي، اهو ممڪن بڻائيندس."

سنڌ ۾ به ضيا صاحب لاءِ صلح ۽ عزت آهي. سندس شعر، اهل سخن عقيدت سان پڙهندا ۽ ڳائيندا آهن. سرهائيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌيت جي پرستارن جو ضيا صاحب جي سپتر ڀاءُ نارائڻداس **"ماسٽر چندر ۽ ضيا"** جي ياد ۾ هيءُ سنگيت محفل جو آيوجن ڪري سنڌي سنسڪرتيءَ جي مايه ناز علمبردار ڏانهن پنهنجو فرض خوبصورت نوع ۾ نڀاهيو آهي. اهڙا ميلا ۽ ملاوڙه هر سال لڳائي "سنڌي سنگيت ۽ ڪوتا" لاءِ عوام ۾ اتساهه ۽ شعور وڌايو وڃي. مبارڪون! آمين!

[ٿهلرام آزاد]

جيءُ رامجي ڪـــي !

گلن جي سڳي وڃڻ لاءِ گلن جي مهڪ ڪونه ويندي آهي تهڙيءَ طرح شري پرسرام ضيا هن دنيا ۾ خاص ڪري سنڌي سماج ۾ سدا مهڪندو رهندو چاڪاڻ ته هو نه صرف هڪ ڪلاڪار هو پر گرهستي درويش ۽ صوفي سنت هو. اُن کي ڪلاڪار چوڻ هڪ مهان پرش جي بي اَدبي آهي چاڪاڻ ته سندن جي واڻي تمام گهري ٻوڙهي رهس سان ڀريل هوندي آهي. تنهن جو اَرٿ ڪرڻ ڪنهن ساڌارڻ منشيه جي جاءِ نه آهي. اِن ڪري هو هڪ مهان روحاني درويش هئا پر سچا درويش ڪڏهن به پنهنجي شهرت نه ڪرائيندا آهن. اِن ڪري ضيا صاحب هڪ اڪل لعل هئا پر سورج کي ڪيترن به بادلن سان ڍڪيو ته ڍڪجي نه سگهندو آهي تهڙيءَ طرح ڪو به مهان پرش لڪي ڪونه سگهندو آهي. هو نه صرف درويش هئا پر تنهن سان گڏ سنڌي سماج جا هڪ مهان سيوڪ هئا ۽ جيڪا سيوا ڪويتا جي روپ ۾ ضيا صاحب ڪئي آهـــي ڪو شايد ٻيو ڪري سگهندو ۽ اُن جي ڪلامن کي ساڪار روپ ڏيڻ وارو اسان جو مڃڙو گايڪ ماسٽر چندر هئو. چاڪاڻ ته ڪنهن به شعر يا ڪلام کي سچو رنگ آواز سان ايندو آهي. واڻي ضيا صاحب جي ۽ آواز ماسٽر چندر

رکن، ٻڌندڙن جي دل ان مهل سنگيتڪار چندر جي
هٿ وس هوندي آهي. وڻيس ته ماري وڻيس ته
جياري. پر ڪسر نفسي اها جو پاڻ پيو گيتن ۾ چوندو
آهي :

”مارين يا جيارين سوڙن سوزي ٻارين مٺا
تنهنجي مرضي“

هن هزارين گيت ڳايا آهن. اُن مان ڪنهن کي وڌيڪ
ساراهڻ - ائين آهي جيئن بيشمار تروتازه گلن مان
هڪ جي چونڊ ڪري انهن کي ساراهڻ ڳالهه ته. بهرحال
سيپيئي سهڻا ۽ وڻندڙ آهن. دادا جا گيت به گلن
جيان آهن، جن جي خوشبو دادا جو سُر آهي.

مهتاب محبوب (حيدرآباد سنڌ)

توکي ڇا ڪهي

ٽلهه : چئه يلا دلدار توکي ڇا ڪهي - ڇا ڪهي....

١- گل ڪهي گلشن ڪهي يا باغ يا باغيچو ڪهي،
بنگلو، محلات ڪهي يا ان علم عاليجو ڪهي.
چئه ...

٢- سنڌ جي وزارت وڏي يان راڄ هندستان جو،
روس رشيا آمريڪا يا چين انگلستان جو،
چئه ...

٣- چندر پرمانند يان توکي ڪهي شايد ضيا،
تنهنجي خدمت ۾ اچي، آهن ليئي حاضر ٿيا.
چئه ...

ٻه ڳل !

نرليءَ جو سمراٽ شري شنڪر ڀڳوان آهي جنهن کي اسين نٽراج به ڪري چوندا آهيون ۽ اُن جي نرليءَ ۽ ناچ تي ٽيئي لوڪ شانت ٿي ويندا هئا ۽ وري مرليءَ وادن ۾ شري ڪرشن ڀڳوان!

ڀڳوان شري ڪرشن مرلي جي مٺڙي آواز تي گوپين جي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هئي ۽ هُو ٽٽي تي ڦلڪا ڇڏي، ٻارن کي اتي ڇڪڙ ۾ ڇڏي ٻندرابن ۾ ٽڪنديون هيون ۽ راس ڪنديون هيون. مرليءَ جي آواز تي ڳائيون ۽ پکي پرندا به ناچ ڪندا هئا ۽ سڀئي ڪائنات ناچ ڪندي هئي ٺهڙي نموني سنڌي جڳت ۾ ماسٽر چندر صاحب جي آواز جي لهر گونجي، سنڌ ۽ هند جي سنڌين جي دلين ۾ ڇانئجي وئي.

سنڌي هندو چاهي مسلمان، استري چاهي پرش ماسٽر چندر جي لاءِ ديوانا هوندا هئا.

اڄ به جڏهن نئين ٿهيءَ وارا ماسٽر صاحب جو آواز ٻڌن ٿا ته انهن جي مک مان واه واه ۽ ساراه نڪري ٿي. جيئن ڪبير ۽ ٻاٽيءَ جي دوستي انوٽ آهي. ڪبير ٻاٽيءَ کان ۽ ٻاٽي ڪبير کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. ٺهڙي نموني ماسٽر جي آواز ۽ پرسرام ضيا صاحب جي ڪلام جي دوستي به انوٽ هئي.

جو ڀنهين گڏجي سنگيت جي دنيا کي هڪ نئون
زندگيءَ جو لطف ورتايو. شل اسان جي سندي
سماج جون ٻئي مهان آتمائون وري هن دنيا ۾ اچن
۽ ساڳئي نموني ساز ۽ آواز جو نئون هڪ باغ ٻوکين
جنهن ۾ سندي سماج مهڪندي رهي.

اوم شانتي!

بابا چندرلبکم
اجمير.

"ماسٽر چندر جي صدا"

ٿالهه: وساريندين جي تون مونکي نہ دنيا ٿي وساريندي
ٺڪاريندي جي تو مونکي نہ دنيا ٿي ٺڪاريندي

١- نظر هڪ رحم جي گهرجي نهاري ڪو نظر ڏار
نهاريندين جي تون مون ڏي نہ دنيا ٿي نهاريند

٢- اچايل آس ۾ آهيان ٻڌارج ڀرپسر جو پاڻ
ٻڌاريندي پريت جو پاڻي نہ دنيا ٿي ٻڌاريند

٣- زماني جي نگاهن ۾ چندر جهڙي مٺل آ
جياريندي جي تون مونکي نہ دنيا ٿي جياريند

"مسافر سان من لڳو"

شعر - يا پسڻ پرين جو يا پرين سندي پچار
اِنهن هنهي کان ڌار-شل قادر ڪنهن کي ٻه نه ڪري.

ٿلهه- من مسافر سان لڳو- موهي مونکي منٺار ويو
موهي مونکي مهمان ويو، مونکي ڪري حيران ويو

ا يار جي اکڙين ۾ شايد- ڏنگه دارونءَ جا هٺا
نينهن جا ڏيئي نشا-من ڪري مستان ويو.
من مسافر ....

٢ سهڻي صورت کي ڏسي-سڀ ڪجهه ويو منهنجي هٿان
دل وئي ۽ جان وئي - دين ويو - ايمان ويو
من مسافر ....

٣ مان وسوري مورک ٿيس - ويسهه ڪرڻو پيو ضيا
پر اُهو ويسهه وڃائي گهر ڪري ويران ويو.
من مسافر ....

ضيا جي ڪلام کي جڏهن ماسٽر جو آواز مليو ۽ ماسٽر چندر جي آواز کي جڏهن ضيا جو ڪلام مليو ته ٻئي سنڌي جاتيءَ جا ستارا بڻجي پيا. اڄ اسين الهاسنگر واسي اهڙن ٻن مهان ڪلاڪارن ۽ ڏڌڪارن جي ورسي ملهائي رهيا آهيون. جڏ اسين پنهنجي سنڌيت قائم رکي رهيا آهيون.

هر هڪ قوم جا ڪنيا هوندا آهن. سنت درويش اديب، شاعر، ڪلاڪار، ڪاريگر، ديش پريمي ۽ سوروير جنهن ڪري قوم هزارين سال زنده رهندي آهي.

سو اسان جي سنڌي جاتي ۾ بہ ڪيترا فقير درويش ۽ اعليٰ هستيون پيدا ٿيون جن جي ڪري اسان جي سنڌي سڀيتا ۽ ٻولي زنده آهي.

سو اسان کي فخر آهي جو اهڙن ٻن هستين جي ورسي ملهائي رهيا آهيون ۽ پنهنجي سنڌيت کي قائم رکي اڳتي بہ اهڙا ميلا لڳائيندا رهنداسين.

انهن ٻن هستين لاءِ وڌيڪ ڇا ذڪر ڪجي. بس صرف شرڌا جا بہ گل پيش ڪريان ٿو.

سائين لڇمڻداس

گرو گلراج آشرم، اوٽي سيڪشن، الهاسنگر-٣

١٠- ملڻ ۾ ملندو، وڇوڙو آ - اُهو سمجهي ڏنو هوندين
مٺا نت وصل کان توکي - پلا انڪار ڇو ٿئي ها.

١١- بڻي مظلوم ظالم جو - وڌايو حوصلو مون ئي
نه اهڙي جي خطا ٿئي ها - نه هي اتياچار ڇو ٿئي ها.

١٢- نوازش نازڪن جي آ - جي ڪنِ گهاون کي به گلشن ٿا
هجن بيسودِ ها ڪندا نه - ضيا گل سان سان خار ڇو ٿئي ها.

"پيار جي صدا"

طرز - زندگي هئه چار دن پيار سي گذرنا :-
ٿلهه - زندگي آهه چار ڏينهن پيار سان گذار جي
عاشقن جي واسطي پيار دل ۾ ڌارجي

١- پاڻ کي سينگاريو ٿا - هرڪه سڀ جو هاريو ٿا
ناز مان نهاريو ٿا - تير هٽي ماريو ٿا
جي مرن ٿا تيرن سان - ڇو نه تن کي جيئارجي، زندگي ....

٢- دوستي جي لائجي - ڪين سا ٿڪائجي
پيار سان نڀائجي - دل سان دل ملائجي
اک سان اک اڙائجي - وائدن کي پاڙ جي. زندگي ....

٣- ڪن ٿا جيڪي انتظار - ۽ رهن ٿا بيقرار
جي ٿين ٿا عشق باز - رنجو غم ۾ دل نگار
ڪين رهجي تن کان ڌار - پر ۾ تن کي وهارجي. زندگي ....

٤- جيڪي دل ۾ ٿا لڇن - روز ضيا ٿا رڻن
منهن سان پر نٿا ڪڇن - ديد لاءِ ٿا سڪن
تن کي ڇو وسارجي - ڇو نه تن سان گهارجي. زندگي ....

"اکڙين جو انگڻ"

جي اکڙيون کين انکن ها تہ پئدا پيار چو ٿئي ها
رهن خاموش ها، جي نظرون تہ هي آزار چو ٿئي ها.

١- عجب آهيم اکڙين تي - رئڻ جن کان ويو وسري
ٻہ ٿي ٻهي لڙڪ لاڙين ها - تہ دل تي بار چو ٿئي ها.

٢- هجي ها ماهرو پر ٻر - هجي ها خابرو ويجهو
تہ دل هيئڻ چانڊني راتين منجهان ائين بيزار چو ٿئي ها.

٣- ٿئي جي چاڙهہ سازي ها - تہ کو لاچار چو ٿئي ها
هجي ها انصاف جي تو وٽ - تہ کو بيمار چو ٿئي ها.

٤- جي منهن جي ٻي زبانيءَ مان - پروڙين حال دل جو ها
تہ منهن سان کهہ چوڻ جي لاءِ مون کي ويچار چو ٿئي ها.

٥- کوهيءَ سان شونق سان مون - چشم قاتل کي تي للکاريو
نظر جو تير نہ تہ منهنجي جگر مان پار چو ٿئي ها.

٦- وفا ڏڌارن جفا ملندي - نہ اگهر کل هئي مونکي
جي منڍ ٻر ٿي ٻڌائين ها - تہ توسان هي پيار چو ٿئي ها.

٧- کيم لا انتها اُلفت - تہ اُلفت ٿي پيئي کلفت
نہ جي، گهرو ٿيان ها مان - تہ بيزار هو چو ٿئي ها.

٨- نہ موت آيو، نہ يار آيو - نہ دم نکتو، نہ ارمان
جيئڻ دشوار جي لئي ها - تہ مرڻ دشوار چو ٿئي ها.

٩- ٻٽ منهن جي هڪايت آ - جو سمجهان ٿو پري عنهن کي
مقدر ساٿ جي ڏئي ها - تہ کوئي هينئن ڏار چو ٿئي ها.

”ساجن جي سار“

ٿلهه : ڪهڙو ٿيو گناه پرين لئين پري پري
تنهنجو ٿو انتظار ستائي ڏري ڏري.

١- جيئن جيئن ٿو پوين ياد وڌي ٿي آنڌ مانڌ
منهنجي نه ٿو بنان نئي ساجن سري سري.

٢- سيني ۾ سوز يار ٿو بيقرار ڪري سدا
دل ۾ دکي پيو درد جو دونهون هري هري.

٣- ڪنهن کي هڏائي هرم جي ماري ڏکه جو حال
مجبور دل کي لوڪ لڄا ٿي ڪري ڪري.

٤- جت به سڄڻ هجين اُتي آباد هل هجين
دل توکي دائما دعائون ٿي ڪري ڪري.

٥- سور هن فراق جو ضيا سهاري نئي سگهان
وائي ورڻ جي وار نه قسمت وري وري.

”ڏوهيرو“

مان ڪهڙي طرح توکي سڄڻ يار منايان
ڪهڙي نموني سان توکي پنهنجو بڻايان.
قاصد نه ڪبوتر ٿو مڃي منت ڪا منهنجي
ڪنهن جي هٿان پيار جو پيغام پڄايان.
تارا تڪي هاءِ سڄي رات گذاريان
تنهنجي جدائيءَ ۾ ضيا پاڻ جلايان.

”دردن پريِ دل“

ٽلهه- سورن جي کهاڻي آ- دردن جي کهاڻي آ-
توکي نہ ٻڌائيندس- توکي نہ سڻائيندس

چوا.... تون ڪين ٻڌي سگهندين- توکي نہ ٻڌائيندس

١ هيءَ ڳالهه اُها آهي- ٻڌندين تہ روئي ڏيندين-
رئندين تہ مان بہ رئندس- روڄن نہ وڃائيندس.
تنهنکري ا.... توکي نہ ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي کهاڻي ....

٢ هڪ پاسي ڪان آهي درياهہ- ٻئي پاسي ڪان آ آتش-
موت آهي ٻنهي پاسي- ڪيئن جان بچائيندس
تنهنکري ا.... توکي نہ ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي کهاڻي ....

٣ دردن سان ڀريل هيءَ دل آ- ننڍپڻ کان آ جُڙيل ناتو.
خاموشي چڱي آهي- لوڪن کان لڪائيندس.
تنهنکري ا.... توکي نہ ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي کهاڻي ....

٤ ڪوشش نہ ٻڌڻ جي ڪر- ٻڌندي تہ ولڻيندين ڇا؟
ورڻو نہ ضيا آهي- سڀ سيني ۾ سمائيندس.
تنهنکري ا.... توکي نہ ٻڌائيندس- هيءَ سورن جي کهاڻي ....

”گرونانڪ ديو“

ٿلهه- جنهن تي تو نظر ناٿ ڪئي سو ٿيو نهال-
نانڪ نگاهه تنهنجيءَ ڪيو ٿي عجب ڪمال
ڏن ڏن بابا نانڪ شاهه

١ آئين الک جي پار جو پيغام تون ڪٽي-
سنسار ۾ سيني کي واٽي تنهن جي وٽي،
اگيان جي جهان ۾ اولدهه هئي گهٽي،
انڌڪار ۾ تون آئين-سج روشني ٻٽي،
چمڪي اُتي زمين ۽ چمڪيو گگن وشال !
نانڪ نگاهه ....

٢ بي حال ڀڳت جنن کي هو تنهنجو انتظار،
ڪالوءَ جي گهر جنم وٺي تو تن جو ڪيو اُڌار،
ستنام جي جهاز تي سڀئي ٿيا سوار،
جن اوٽ ورتي تنهنجي سي ٿي ويا ڀوَ کان پار،
جيڪي اڪال ٿي ويا- تن کي ڪندو ڇا ڪال !
نانڪ نگاهه ....

٣ قعابو بہ اُن طرف ڦريو جنهن پاسي تنهنجا پير،
مکي ۾ سڀ منجهي پيا تہ هيءُ مرد آهي ڪير،
مُلاميان ڪري پيا-دل مان ڪڍيائون غير-
نڪتو انهن جي دل مان- سندو ڏئي جو ڍير،
حيرت لڳي ضيا کي جلوو ڏسي جمال !
نانڪ نگاهه ....

وڇوڙو وطن جو (فلم اباڻا)

شعر

وڃن ٿا وڃن ٿا- اُداسي وڃن ٿا
وطن کي ڇڏيندا- ساڃ صوفي وڃن ٿا
اُميدون سيئي وڃن ٿا پليندا
اَلهہُ جاڻي آخر ڪڏهن ميلا ٿيندا

ٿلهہ- وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا هاءِ هاءِ وطن جا ٿاڻا
هاءِ هاءِ ملا اباڻا

١) ڇڏي قطب بيدل ۽ بيکس جا ڏيرا
ڇڏي شاهہ سوامي-دلپت جا ہيڙا
درازن کان اڄ دور ٿيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا ......

٢) ڇڏي پنهنجي سنڌو نديءَ جا ڪنارا
اباڻا اڄها ۽ ڇنا پيارا پيارا
پراڻن پکن کي پٽيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا ....

٣) ڇڏي زندهہ پيرڙ ۽ سکر ساڌبيلو
وسڻ گهوٽ روچل پاروشاهہ جو ميلو
جدائيءَ سندو داغ ڏيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هاءِ هاءِ پکا پراڻا.........

'ماسٽر چندر'

(ڪوي پهلاج)

مون ڏٺو هو چنڊ هڪڙو، پر ڏٺم ٻيو ٻي چڙهيو،
چندر تون آهين چندرمان هو، مرلي پنهنجو مڙهيو.

١- رات کي روشن ڪري، راڳ تو روشن ڪيو،
سنڌ جي سنگيت تي تو، جوهر هو پنهنجو جڙيو.

٢- مرڪ تنهنجي مٺڙي تنهنجي، مشڪ تنهنجي ميٺڙا،
هر ڪلامن جي مٿان تو، گهات هو پنهنجو گهڙيو.

٣- قطب جو توتي ڪرم هو، رحم روچلداس جو،
جام جيوڻ جي پياري، عشق ۾ توکي اڏيو.

٤- عشق جي تون ۾ اچل، پر ٿڪ ۾ ڦاٿين نه تون،
هر حواسن جي خواهشن جي، طمع کي تو ٽڙيو.

٥- عشق جي آزاد ۾، جيئري ڄاڻي جان تو،
پر ملو نا ساڪاٽو، ٻڪ سنڌ تنهنجو سڙيو.

٦- حسن وارن ۾ حسينن جا، سوين حملا سٺا،
پر حسن ويو مارجي، جو هڪ دفعا تو سان لڙيو.

٧- سنڌ توري هند ۾، تنهنجو امر اتهاس ٿيو،
رب منجهان ڏيئي دعا، پهلاج ايهو پد اڙيو

th Best Compliments From :

Bharat Gopichand Khatri

DURGA DEVI CYCLE MART

Specialist in :

PAINTING, OVEROILING TYRES, UBES, SPAIR PARTS & WELDING



ايشور ڪرپالو آهي، جيو اي شڪر

Follower Lane,
Kalyan-Ambarnath Road,
ULHASNAGAR-421 003.

Tel. No. 70979



NATURAL EXPRESSIONS

1407 BROADWAY # 3805
NEW YORK, NY 10018

★

TEL (212) 730-0043
FAX (212) 869-7942

★

HARISH CHANDER
GOPE CHANDER

Be

Zia Sa

FOR ORGANISI

ON AN

THE GREAT
AND SANGIT AC

چندر

New y
Gope Chande
Harish Cha
Arti Gurnani & M
(71


es to

a Malha

SANGIT MAHFIL


ARY OF

ARSRAM ZIA
ASTER CHANDER



شاعر
شري
سنگيت
پنهي

)
Chander
ander
h Thawani



NATURAL IMPRESSIONS

1411 Broadway, Rm. No. 1764
New York 10018

★


Tel. : (212) 730-8758
Fax : (212) 730-8759

★

ANIL CHANDER
GOPE CHANDER

BOMBAY

Hari Chander, Mahesh Chander
And Family
Resi : 4456476, 4460535



"زماني جي گردش - ٻرپوءِ در پڪار"

فلمي طرز:- ذرا سامني تو آئو....
ٽلهه - ڪٿي آهين ٻڌاءِ پرماتما
تنهنجي دنيا ڪيو انڌار آ
ظلم انسان جو انسان تي
ڪيڏو ڌرتي لاچار آ.

سج ۽ ساڳيو چنڊ ۽ سي ساڳيو، ساڳي ڌرتي ۽ آڪاش
پوءِ ڇو تنهنجا ٻندا بدليا، ڌرم ڪرم سڀ ٿي ويو ناس
اڄ جي دنيا جا دکڙا دور ڪر - ڪيو ڪيتا ۽ تو اقرار آ
ظلم انسان جو انسان تي...

ڪوڙ ڪپت ڪميڻا ونڌي ويو، ڏوکي دلبي وارا زور
جڳهه جي هن ڦلواڙي اندر - ڪانو وٽن ٿا وڃي نه مور
ليڪا آهي ڪٿي انياءُ آ - انيائي ٿيو سنسار آ
ظلم انسان جو انسان تي...

پيار آهي پاڻ کان جدا ٿيو - ٻيڻي ٿي آ ور کان جدا
گهايل ٿي پيا گهڻا گهراڻا - گهر وارا ٿيا گهر کان جدا
پنهنجا پنهنجن جا دشمن ٿي پيا -
ضيا! ڪهڙو عجب اسرار آ
ظلم انسان جو انسان تي...